# سنڌ قومي ڪانفرنس

سنڌ ترقي پسند پارٽي

مرتب: مير مظفر ڪلهوڙو

# سنڌ قومي ڪانفرنس

# 2005ع

مرتب: مظفر ڪلهوڙو

سورٺ پبليڪيشن
هيپي هومز قاسم- آباد حيدرآباد.

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: سنڌ قومي ڪانفرنس
مرتب: مظفر ڪلهوڙو
ڪمپوزنگ: خالد سومرو
موضوع: تقريرون
سال:2005
ڇاپو: پهريون
تعداد: هڪ هزار
ڇپائيندڙ: سورٺ پبليڪيشن
هيپي هومز-حيدرآباد
قيمت:50 رپيا
ڪتاب ملڻ جو هنڌ
ترقي پسند هائوس، بنگلو نمبر 42-43 هيپي هومز قاسم آباد حيدرآباد.

Sindh Qomi Conference
2005
Speaches.
By:Muzafer Kalhoro.
Composing: Khalid Soomro.
Edition:First
Quantity:1000
Published by: Sorath Publication, Happy Homes
Qasim Abad Hyd

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

3 جولاءِ 2005

## سنڌ قومي ڪانفرنس ۾ شريڪ اديب، دانشور، ٽيڪنوڪريٽ، شاعر ۽ ساڃاهه وند

1. محمد ابراهيم جويو
2. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
3. جي اين مغل
4. پروفيسر اعجاز قريشي
5. ولي رام ولڀ
6. حيدر علي لغاري
7. نذير احمد ميمڻ
8. انعام شيخ
9. غلام نبي مغل
10. علي بابا
11. پروفيسر لياقت عزيز
12. ذوالفقار هاليپوٽو
13. پروفيسر شمس الدين عرسائي
14. احمد سولنگي
15. ڊاڪٽر اديب انقلابي
16. ناز سنائي
17. نذير "ناز"
18. شهيد سومرو
19. اختر رند
20. سرور نواز ڀگهيو
21. پروفيسر همت علي پتافي
22. حميرا نور
23. ايس لال آهوجا
24. زيب نظاماڻي
25. منو مهيري
26. معشوق ڌاريجو
27. طارق "عاجز" پٽي
28. اربعہ نور
29. نشتر ناٿن شاهي
30. خان محمد جروار
31. يوسف سارنگ
32. جاويد اڪبر سومرو

ڪانفرنس ۾ 380 ماڻهو شريڪ ٿيا

## ٻه اکر

جڏهن به ڪنهن قوم خلاف دشمن جو گهيرو تنگ ٿي ويو هجي، قومي وجود ۽ وطن جي وحدت خطرن ۾ اچي وڃي، وطن تي ڌرتي ڄاون ڪان حاڪميت جو فطري حق ڪسڻ جون سازشون عروج تي هجن ته اهڙي صورتحال ۾ قوم ۽ وطن ڏانهن ذميوار اڳواڻن جي اها ذميداري بنجي ٿي ته قوم کي اهڙن خطرن مان ڪڍي پار ڪرڻ لاءِ ڪي ٺوس قدم کڻن. سنڌ قومي ڪانفرنس، اهڙن ئي حالتن جي پس منظر ۾ ڪنيل هڪ قدم هو.

هونئن ته دنيا جي بيشمار قومن جيان سنڌي به تاريخ جي ڪيترن ئي مرحلن تي غلامي جي اونداهين راتين ۽ جبر جي قوتن سان جهيڙيندي آزادي جي منزلن کي ماڻيندي رهي آهي پر ان سموري سفر دوران تاريخ جي ڪنهن به مرحلي تي سنڌين کي پنهنجي ئي ڌرتي تي اقليت ۾ تبديل ٿيڻ ۽ پنهنجي وطن تي حاڪميت جو ڪائناتي حق دائمي طور ڪسجڻ جو خطرو ڪڏهن به ناهي رهيو. پر پاڪستان ٺهڻ بعد سنڌ جي اختيارن ۽ وسيلن تي قبضي، سنڌي ٻولي ۽ ثقافت کي متائڻ، سنڌ جي تاريخي حيثيت ۽ سڃاڻپ کي ختم ڪرڻ لاءِ پنجابي مهاجر مستقل مفاد طرفان مسلسل سازشن ۽ ان جي سياسي شڪل پنجابي اسٽيبلشمنٽ ۽ ايم ڪيو ايم گٺ جوڙ جي نتيجي ۾ موجوده سنڌ متان اهي خطرا ڳجهن جيان لامارا ڏيئي رهيا آهن. قومي ڪانفرنس ڪوٺائڻ کان اڳ جي مخصوص سياسي سنياريو جو پڙهندڙن اڳيان ذڪر ضروري ٿو سمجهان ته جيئن ڪانفرنس جي سببن ۽ اهميت کي سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي.

سنڌ سرڪار جي ڪابينا ۾ 60 سيڪڙو وزارتون ۽ مشيريون غير سنڌين حوالي ڪرڻ، ايم ڪيو ايم جي دهشتگرد، قتل، ڦر، اغوا جهڙن ڏوهن ۾ گهربل مفرور کي لنڊن مان سرڪاري پروٽوڪول ۾ گهرائي سنڌ متان گورنر طور مسلط ڪرڻ ۽ ايم ڪيو ايم کي سنڌ جي اڇي ڪاري جو مالڪ بڻائڻ اهڙا عمل هئا، جيڪي آئين، جمهوريت ۽ اخلاقي قدرن جي منهن تي دانگي مليندڙ ۽ سنڌي عوام جي مينڊيٽ جي توهين ڪندڙ سان گڏ سنڌين جي اندر ۾ ڪڙاڻ پيرائيندڙ هئا. متان وري

1) سنڌ اسيمبلي جيڪا سنڌ جي قومي مفادن جي نگهبان ۽ سنڌين جي جذبن جي ترجمان هئڻ کپي، مان سنڌ جي قومي مفادن ۽ وجود جي نفي ڪندڙ 86ع تائين سنڌ ۾ آيل ڌارين کي شناختي ڪارڊ ڏيڻ، گهڻ قومي ڪمپنين، ڪراچي جي سرڪاري ۽ خانگي ادارن ۾ مقامي ماڻهن (پناهگيرن) کي نوڪريون ڏيڻ جهڙا بل پاس ٿيڻ.

2) حيدرآباد، سکر، ميرپور خاص، نواب شاهه جي لساني بنيادن تي ورهاست ڪري هڪ طرف سنڌ جي تقسيم لاءِ ماحول سازگار بڻائڻ ۽ رستو صاف ڪرڻ ۽ ٻئي طرف سنڌين کي شهري زندگي، انتظام ۽ اختيار کان بيدخل ڪرڻ.

3) کوکراپار سرحد کولي هندوستان کان ڌارين جا نوان ڪٽڪ سنڌ ۾ ڪاهي، سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ ۾ باقي رهيل ڪسر پوري ڪرڻ لاءِ انتظامن کي سرڪاري سطح تي تيز ڪرڻ (اها سرحد 17 فيبروري 2006ع کان کلي چڪي آهي)

4) ڪراچي کان حيدرآباد تائين سپر هاءِ وي جي ٻنهي پاسن تي موجود لکين ايڪڙ زمينون (سنڌي ماڻهن توڙي سنڌ سرڪار جون)ڳچ ڳوٺ ۾ ڌارين حوالي ڪري ڇڏڻ ڪانپوءِ ڪراچي ۾ سنڌي ماڻهن جون ستين فارم، 99 سالن جون ليز ٿيل ۽ سروي زمينون (بنا ڪنهن قانوني جواز جي رد ڪري اهي مختلف اسڪيمن جي بهاني گورنر هائوس جي خصوصي هدايتن تي) سستي اگهه تي ڌارين کي ڏيڻ ۽ سنڌين جون قديمي وسنديون ڊاهڻ ته جيئن سنڌ جي اصل وارثن کي ڪراچي مان نيڪالي ڏئي اتي هندوستان کان کوکراپار سرحد ذريعي ايندڙ لوڏن کي آباد ڪري سگهن. اهي سمورا هڪٻئي پٺيان ٿيندڙ واقعا ۽ عمل هئا، جيڪي سنڌين جي قومي وجود، پنهنجي وطن تي حاڪميت جي ڪائناتي حق ۽ سنڌ جي قومي وحدت کي حقيقي خطرا ڪٽي سامهون اچي بيٺا هئا، جنهن تي سڄي سنڌ جي عوام ۽ خاص طور سنڌ سڄڻ حلقن ۽ سڄاڳ ڌرين ۾ گهري ڳڻتي ۽ بيچيني پکيڙي ڇڏي هئي. ايم ڪيو ايم جي سنڌ دوستي وارين ڪوڙين دعوائن ۽ مڪار فطرت جي پٽ وائکي ٿي پوڻ بعد ان ڏانهن گڏيل سوچ ويچار ۽ مشوري سان هڪ قومي رويو اختيار ڪرڻ جو سوال سنڌي سماج اندر گردش ڪري رهيو هو.

سنڌ جي اهڙين حالتن ۾ قوم ۽ وطن ڏانهن ذميوار رهنما جي حيثيت سان محترم ڊاڪٽر قادر مگسي سنڌ لاءِ فڪرمند ڏرين ۽ ساڃاهه وندن کي هڪ هنڌ ويهاري گڏيل صلاح مشوري سان قوم کي درپيش خطرن جو مقابلو ڪرڻ، قومي نجات جي گڏيل واٽ جوڙڻ. ايم ڪيو ايم ڏانهن سنڌي عوام طرفان بحيثيت قوم جي هڪ پاليسي طئه ڪرڻ، الڳ الڳ فورمن تان ٿيندڙ مطالبن کي قومي مطالبن جي شڪل ۾ پيش ڪرڻ ۽ سنڌ جي قومي جمهوري حقن لاءِ الڳ الڳ پليٽ فارمن تان ٿيندڙ جدوجهد کي قومي پليٽ فارم / فورم مهيا ڪرڻ وارن مقصدن لاءِ 3 جولاءِ 2005ع تي قاسم آباد ۾ سنڌ قومي ڪانفرنس ڪوٺائي.

سنڌ لاءِ فڪرمند ڌرين، اديبن، دانشورن، شاعرن، ٽيڪنوڪريٽس، سماج سڌارڪن ۽ سينيئر قومي ورڪرن جي ڀرپور شرڪت سبب ڪانفرنس کي سنڌ جو نمائنده ميڙ چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ ناهي.

ايم ڪيو ايم متعلق گڏيل قومي پاليسي جو تعين، سنڌ سڄڻ ڌرين، اديبن، دانشورن ۽ ٽيڪنوڪريٽس تي مشتمل هڪ اداري "سنڌ قومي فورم" جوڙڻ تي اتفاق، گڏيل پڌرنامي، ٺهرائن ۽ سفارشن تي سمورين ڌرين ۽ ساڃاهه وندن جو سهمت ٿيڻ، ڪانفرنس جون اهم حاصلات هئڻ سان گڏ سنڌ جي موجوده سياسي تاريخ جي اهم دستاويز جي حيثيت رکن ٿا. تنهن ڪري انهن ۽ ڪانفرنس ۾ پيش ٿيل فڪر انگيز خيالن، سوچن، راين ۽ رٿن کي هڪ ڪتابي شڪل ۾ پيش ڪرڻ هڪ اهم قومي فرض هو، جنهن کي ادا ڪندي هي ڪتاب "سنڌ قومي ڪانفرنس" جي نالي ۾ اوهان جي هٿن تائين پهچائڻ ۾ ڪاميابي تي بيحد سرهائي محسوس ڪيون ٿا.

ڪتاب ۾ جيڪڏهن ڪي چڪون ۽ خاميون رهجي ويون هجن ته ان لاءِ پڙهندڙن کان معذرت گهران ٿو.

مظفر ڪلهوڙو
14 مارچ 2006
حيدرآباد

انداز سان شروع.

اهڙي ڪيفت يا رويي خود سنڌ اندر سياسي توڙي بين شعبن جي ماڻهن ڪي ڪافي حد تائين ٿڪايو آهي. پر خوشي جهڙي ڳالهه اها آهي تہ اهڙي صورتحال ۾ سنڌي سماج ۾ بنيادي تبديلي جون خواهشمند سموريون ڌريون اڃا تائين پنهنجي اسپرٽ ۾ هلنديون اچن.

سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران ٿيل هن ڪانفرنس ۾ سنڌ جي نمائنده سياسي جماعتن جي اڳواڻن، سماج سڌارڪن، دانشورن ۽ عورت اڳواڻن جيڪي بہ موقف رکيو تنهن جو لهجو هن ڀيري تبدل ٿيل هو.

ڪانفرنس ۾ هڪ مقرر جي حيثيت ۾ ويني پنهنجا نوٽس لکندي، مونکي ڳالهائيندڙن جي لهجي ۾ هڪ زبردست ڊائريڪشن نظر اچي رهي هئي. سياسي رهنما پنهنجي سياسي فڪر ۽ فهم هيٺ بيون ڌريون پنهنجي عقل ۽ ادراڪ تحت جيڪي ڪجهه رايا ڏئي رهيون آهن يا سنڌ کي بحرانن مان ڪڍڻ لاءِ جيڪي فارمولا يا تجويزون پيش ڪري رهيون هيون، ان جو مزاج حيرت انگيز طور هڪ جهڙو هو ۽ انهن گهڙين ۾ مون پر ۾ وينل بزرگ سائين محمد ابراهيم جويي سان ان خواهش جو اظهار ڪيو هو تہ سائين هيءَ سڀ ڪجهہ بہ جيڪڏهن رڪارڊ تي دستاويز جي شڪل ۾ سامهون اچي تہ سنڌ جو هڪ وڏو وطن پرست لڏو (جيڪو ان ڪانفرنس ۾ شريڪ نٿي سگهيو هجي) ان ڊاڪيومينٽ کي پڙهي اتساهہ وٺي سگهي ٿو.

اها خواهش دل ۾ سانڍي پنهنجي تقرير واري وقت مون اهو نماڻو عرض رکيو هو تہ هيءَ ڪانفرنس رڳو هڪ ڏينهن واري تقريب طور ملهائي ختم نہ ڪئي وڃي. بلڪ هن کي اهڙي انداز ۾ رڪارڊ ڪيو وڃي جو ان ڏينهن جي خاتمي ڪانپوءِ جڏهن بہ ان اهم سرگرمي بابت ڪوبہ شخص، ڪابہ ڌر ڄاڻ حاصل ڪرڻ چاهي تہ ان کي ٻن ٽن سنڌي اخبارن جي ڪٽنگ ڏيڻ بدران پورو دستاويز هٿ ۾ ڏنو وڃي.

لڳو هو تہ اهو مطالبو، خواهش ٿي رهجي ويندي جو اهڙو عرض سنڌي قوم جي هن صدي جي سڀ کان عظيم الشان سياسي اتحاد ائنٽي گريٽر ٿل ڪئنال ۽ ڪالاباغ ڊئم ايڪشن ڪميٽي جي رهنمائن کي پهرئين ڏينهن کان ڪندو اچان تہ پنهنجي هڪڙي هڪڙي سرگرمي جو رڪارڊ رکو. سنڌ اهڙا معجزا گهٽ ڏٺا آهن جو ڪميونسٽ، قومپرست،

سنڌ قومي ڪانفرنس جي ڪاروائي نند لال مالهي، مظفر ڪلهوڙو ۽ حيدر ملاح هلائي. ڪانفرنس جي شروعات تلاوتِ ڪلام پاڪ سان ٿي. جنهن بعد ايس ٽي پي اڳواڻ ۽ ڀلوڙ شاعر **عاشق سولنگي** پنهنجو غزل ڪانفرنس اڳيان پيش ڪيو.

## تون ئي ڪاڪ راڻو

اياڻو اياڻو، نه ٿي تون اياڻو،
تنهنجي آهي مومل، تون ئي ڪاڪ راڻو.

ڪنهن ڪنهن ڏئي ساهه ويساهه ورتو،
سو اولاد تنهنجي ڪان ٿيندو پڇاڻو.

شهيدن جي تاريخ نئين سر پئي لکجي،
جهڙي سڀ ڪو تولڻ ته سورهيه ساماڻو.

نه ارغون ايندا، نه ترخان رهندا،
بلاول لئه هاڻي نه ٿهندو ڪو گهاڻو.

نه ڪي جوءِ ڇڏبي، نه ڪي جوءِ ڇڏبي،
تنهنجي ڪاڪ آهي ۽ تنهنجو لُڏاڻو.

# "سنڌ قومي ڪانفرنس سڏائڻ جو مقصد"

## ڊاڪٽر قادر مگسي

اسٽيج تي ويٺل مختلف سياسي پارٽين جا اڳواڻ، سياسي سماجي ۽ ادبي پرتن جا نمائندو ۽ منهنجي سامهون ويٺل ڀينرون، منهنجا ڀائرو، منهنجا ساٿيو، دوستو ۽ سنڌ جا سڄڻو جيئي سنڌ.

سڀ کان پهرين آئون توهان دوستن ساٿين جو بيحد شڪر گذار آهيان. ڪراچي کان ڪشمور تائين مختلف علائقن مان جيڪي جيڪي دوست هن قومي ڪانفرنس کي سنڌ جو قومي سڏ سمجهي، پنهنجين تمام گهڻين مصروفيتن جي باوجود هن ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيا آهيو، آئون توهان سڀني دوستن ۽ ساٿين جو ٿورائتو آهيان. توهان جي شرڪت ۽ توهان جي چهرن تي موجود سنجيدگيءَ مان هر ماڻهو اهو سمجهي سگهي ٿو ته سنڌ هن وقت انتهائي نازڪ مرحلي مان گذري پئي ۽ ان نازڪ مرحلي مان قوم کي ثابت قدمي سان ڪڍي ڪري ڪاميابي جي منزل تي پهچائڻ لاءِ ڪنهن وڏي غور فڪر ۽ سنجيدگي جي ضرورت آهي. ترقي پسند پارٽي هر مشڪل وقت ۾ پنهنجي وت ۽ وس آهر بنيادي ڪردار ادا ڪندي رهي آهي ۽ هوءَ ان ذميواري کان ڪڏهن به غافل نه رهي آهي ته جڏهن به سنڌ تي ڪو اهڙو ڏکيو وقت اچي، جڏهن به سنڌ تي ڪي مشڪلاتون اچن، جڏهن سمجهه ۾ اچي ته سامهون کان سمورا د ڳ بند ٿي ويا آهن ۽ دشمن پنهنجي سموري رهزني ۽ جارحيت سان سنڌ تي حملي آور ٿي ويو آهي ته ان وقت ضرورت ان ڳالهه جي هوندي آهي ته سنڌ جي سمورن ساڄاهه وند، غيرتمند، جرئت مند ۽ سنڌ لاءِ لوچيندڙ ۽ فڪر رکندڙ ماڻهن کي گڏ ڪري پنهنجي مستقبل بابت ويچارجي ۽ پنهنجي حال تي ڳڻتي ۽ فڪر رکندي پنهنجي لاءِ ڪا نئين واٽ ۽ راهه ڳولهجي. اڄوڪي هن ڪانفرنس کان اڳ اسان جڏهن هن صورتحال جو جائزو ورتو ۽ ويچاريو، تڏهن ان نتيجي تي پهتاسين ته هن قسم جي قومي ڪانفرنس سڏائڻ گهرجي. جنهن ۾ سنڌ جا اهي سمورا پراڻا

سياسي قومي ڪارڪن، جيڪي 1947ع کان وٺي، جڏهن کان پاڪستان ٺهيو، سنڌ جي قومي حقن لاءِ مسلسل جدوجهد ڪندا رهيا آهن. شريڪ ٿين. پاڪستان ٺاهڻ جي تحريڪ ۾ جيڪي انگريزن جي غلامي جي خلاف وڙهيا، پنهنجا پٽ قربانين لاءِ پيش ڪيائون، جيل ڪاٽيائون، انهن کي اهو ئي آسرو هو تہ هي جيڪو پاڪستان ٺهي پيو، ان پاڪستان ۾ اسين سنڌي ماڻهو آزاد ۽ خود مختيار حيثيت ۾ پنهنجي وطن ۾ رهنداسين، پنهنجي تاريخ کي زنده رکي سگهنداسين ۽ اسان پنهنجي ايندڙ نسلن کي ترقي وٺرائيندا سين. انهن سمورن ماڻهن جي خوابن سان ۽ انهن سمورن ماڻهن جي سمورين قربانين سان ڌوڪو ڪيو ويو. ان ڪري اسان سوچيو تہ ان پيڙهيءَ جا ماڻهو بہ اسان جي قومي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿين تہ جيئن اسان انهن جي ٻڌايل تجربن جي روشنيءَ ۾، انهن جي زندگي جي ڏنل قربانين جي روشنيءَ ۾ پنهنجو رستو جوڙي سگهون. ۽ ٻيا اهي ماڻهو جن 1954ع ۾ جڏهن کان پاڪستان جي آئين ساز اسيمبلي ٽٽي هئي، ان آئين ساز اسيمبلي جي ٽٽڻ کان وٺي هن ملڪ ۾ آئين ۽ پارليامينٽ جي بحالي ۽ بالادستي لاءِ جدوجهد ڪئي، جيل پوڳيا، تڪليفون ڏٺيون ۽ هن ملڪ جو مقدر سنوارڻ لاءِ جدوجهد ڪندا رهيا تہ جيئن هن ملڪ ۾ آئين جي بالادستي قائم ٿئي، عدل ۽ انصاف قائم ٿئي، جيئن هن ملڪ جي مسڪين، غريب ۽ بيوس ماڻهن کي انصاف مهيا ٿي سگهي، عزت ۽ وقار ملي، برابري ملي. پر 1954ع کان وٺي 2005ع تائين اها جدوجهد هڪ ديواني جو خواب رهي. سنڌ جا اهي ماڻهو پنهنجي آسن، اميدن ۽ آدرشن لاءِ تڙپندا رهيا پر انهن کي منزل نہ ملي. اسان انهن سمورن ماڻهن کي سڏايو آهي، جن خالص سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ سنڌ جي نجات لاءِ ون يونٽ جي ڪهري ڪوٽ خلاف جدوجهد ڪئي. انهن کي اها اميد هئي تہ جڏهن ون يونٽ هن ملڪ مان ڊهي ختم ٿيندو تہ هتي جون قومون آزاد ۽ خودمختيار ٿينديون ۽ پنهنجي مرضي سان پنهنجي تهذيب تمدن کي زنده رکي، پنهنجي معاشي وسيلن جون مالڪ بڻجي، پنهنجي ڌرتي جي تعمير ۽ ترقي ڪنديون. هتان جا ماڻهو ترقي ڪندا، هتان جو سماج ترقي ڪندو ۽ اسان سنڌ کي ۽ سنڌ سان گڏ هن ملڪ کي دنيا جي آزاد ۽ خودمختيار حيثيت ڏيارڻ ۾ ڪامياب








جيئي سنڌ
جيئي سنڌي عوام
سنڌ قومي ڪانفرنس
3 جولاءِ 2005 علي پيليس قاسم آباد
سنڌ ترقي پسند پارٽي





ويندا سين. پر اڄ جڏهن اسان ان جو تجزيو ڪيون ٿا تہ ون يونٽ جي تحريڪ ۾ هزارين متوالن، سنڌي نوجوانن، دانشورن، اديبن، شاعرن ۽ سياسي ڪارڪنن جي ون يونٽ جي خاتمي لاءِ ڪيل جدوجهد ۽ ڏنل قربانين جي نتيجي ۾ ون يونٽ تہ ٽٽو پر ان جي حيثيت فقط ڪاغذن ۾ لکڻ واري رهجي ويئي ۽ سنڌ کي ان ون يونٽ کان بدترين غلامي ۽ وحداني نظام ۾ قابو ۽ قيد ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ سنڌ جي آزادي، عزت، وقار ۽ قومي تشخص داءُ تي لڳل آهن. سنڌ جا اربين رپين جا مالي، معاشي وسيلا يرغمال بڻايا ويا آهن ۽ سنڌ جا ماڻهو ماني جي ڳيي لاءِ پريشان آهن. سنڌ جون نياڻيون ۽ نوجوان بک ۽ بيروزگاري جي ڪري خودڪشيون ڪري رهيا آهن. تہ انهن سمورن ماڻهن، جن ون يونٽ جي خلاف جدوجهد ڪئي، انهن قربانيون ڏيندڙ ماڻهن کي گڏ ڪرڻ جي خواهش هئي. جيئن انهن کي گڏ ڪري ويهارجي، مشورو ڪجي قومي نجات لاءِ ڪو رستو ۽ ڏگ تلاش ڪجي. انهن سمورن ماڻهن کي گڏ ڪرڻ ۾ اسين ڪامياب ويا آهيون، جيڪي سنڌ جي قومپرست تحريڪ ۽ طبقاتي جدوجهد ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهيا. انهن شاگرد تنظيمن جي اڳواڻن کي جيڪي پنهنجي ضمير ۽ ذهن سان هن قوم جي نجات ۽ پيڙيل ماڻهن جي ڇوٽڪاري لاءِ ڏينهن رات جا اوجاڳا ۽ محنتون ڪندي پنهنجي جواني جا خوبصورت ڏينهن جيلن ۾ ڪاٽيندا. پنهنجي پنن تي ڪوڙا کائيندا. پوءِ بہ جيئي سنڌ جيئي سنڌ. آزادي زنده باد ۽ انقلاب زنده باد جا نعرا هڻندا رهيا.

جڏهن اڄ اسان ڏسون ٿا ۽ ڳاڻيٽو ڪيون ٿا تہ انهن جي ڪوڙن کائڻ، انهن جي آسن، اميدن واري عمر ۾ گهاريل جيلن جو نتيجو ڇا نڪتو؟ اڄ قوم انتهائي بدترين غلامي ۽ بربادي ۾ائين جڪڙي وئي آهي، جوهاڻي سنڌ جو وجود ڳيا ڳيا ڪرڻ لاءِ دشمن هلان ڪري چڪوآهي. اسان جي لاءِ پنهنجي مادر وطن سنڌ کي بچائڻ، ان جي قومي وحدت کي بچائڻ، جاگرافيائي حدن جو تحفظ ڪرڻ. ان جي ٻولي، ان جي ثقافت ۽ ان جي تهذيب تمندن کي بچائڻ وڏي کان وڏو چئلينج بڻيل آهي. اها ئي آس ۽ اميد رکي ڪري اسان سڀي سنڌ جي ڪراچي کان وٺي ڪشمور تائين، انهن سمورن با ضمير ماڻهن، جن جي دل اڄ بہ سنڌ

پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ جي غلطي نہ ڪري. سنڌين کي پنهنجي آزاد، خودمختيار وطن لاءِ جدوجهد ڪرڻ گهرجي. پر پوءِ خبر ناهي ڪهڙي هوا گهُلي، جو ان وقت سنڌ جي سياسي قيادت جيڪا مسلم ليگ جي هٿ ۾ هئي، انهن 1940ع جي قرارداد کي هڪڙو انصاف پسند ڊاڪيومينٽ سمجهي قبول ڪندي، انگريزن جي ڇڏڻ کان پوءِ سنڌ جي مستقبل جو فيصلو پاڪستان سان گڏجي رهڻ جي حق ۾ ڪيو. ان سموري تاريخ جا پاڻ سمورا ماڻهو واقف آهيون. 1940ع کان پوءِ بہ انهن دانشورن شاعرن، اديبن، ساڃاهہ وندن ۽ عقلمند ماڻهن جي اها تحريڪ رهي تہ سنڌ کي ان مسئلي تي ويچارڻ کپي. پر پوءِ سنڌ اسيمبلي ۾ قرداد پاس ٿي ۽ اسان پاڪستان کي حقيقي شڪل ڏني، پاڪستان پهرين تہ خوابن ۾ هو. تصورن ۾ هو پر پاڪستان کي عملي شڪل 1943ع ۾ سنڌ اسيمبلي جي نهراءَ ڏني. بعد ۾ پاڪستان جي معنيٰ ۽ مفهوم کي ئي تبديل ڪيو ويو. جڏهن هنن ماڻهن کي پڪ ٿي ويئي تہ هي ملڪ نهي پيو ۽ انگريز وڃن پيا تہ هنن آزاد ۽ خودمختيار وطن ۽ قومن جو وفاق ناهڻ جي بجاءِ انهن سمورين قومن کي مذهب جي بنياد تي هڪڙي ملڪ ۾ ڪنو ڪيو ۽ ان کي پاڪستان جو نالو ڏنو ويو. تہ 1940ع جي قرارداد جون جيڪي يقين دهانيون هيون، پهرين ڏينهن کان ئي انهن جي انحرافي ڪئي وئي. جن ماڻهن انگريزن جي خلاف پنهنجا جوان پٽ قربان ڪيا، جن ماڻهن جون نياڻيون جيلن ۾ ويون، جن ماڻهن جي گهرن تي بلڊوزر چڙهيا، جيڪي ماڻهو ڦاسيون ڪاٽي ويا، انهن ماڻهن جي بجاءِ پاڪستان جا وارث اهي ماڻهو ٿي ويا، جيڪي انگريز سرڪار جا بوٽ چٽا هئا، جن انگريزن جي دلالي ڪئي، جيڪي انگريزن جي فوج ۾ شامل ٿي هتان جي آزادي پسند ماڻهن کي گوليون هڻندا رهيا، سزائون ڏيندا رهيا، انهن جي لاءِ ڦاسيون ٺنگيندا رهيا، اهي دلال، پاڪستان جا وارث ۽ والي بڻجي ويا. نتيجي ۾ اڄ ڏينهن تائين اهي آزادي پسند ماڻهو، ان حقيقي پاڪستان جي تلاش ۾ آهن، جنهن جو خواب 1940ع ۾ هتان جي ماڻهن کي ڏيکاريو ويو هو. ترقي پسند پارٽي پاران اسان ان نتيجي تي پهتا آهيون تہ ان پاڪستان جي ڳولا ۽ ان پاڪستان جي نئين سر تشڪيل جي لاءِ هاڻي تمام گهٽ موقعا آهن. اهو انتهائي مشڪل لڳي ٿو تہ

الائي ڪيترا سنڌ جا ماڻهو. سنڌ جا سياستدان، ايم پي اي ۽ ايم اين اي، سياسي جاگيردار ۽ ڪجهه مدل ڪلاس تنظيمن جا نمائندا. حڪومت سان گڏ هنبوشيون هڻن پيا. جهمريون هڻن پيا تہ اسان جو شهر ضلعي هيڊ ڪوارٽر ٿيندو، اسان جي زمين ۽ ملڪيت جي قيمت وڌندي، اسان وٽ هيلٿ سينٽر نهندو، اسان وٽ سيشن ڪورٽ نهندي، اسان وڏي ترقي ڪنداسين، اسان کي روزگار ملندو. ان ڪري ضلعن جي ورهاست تي روز سنڌي ماڻهن جون جهمريون لڳن پيون. ڪو چوي تہ اسان جي شهر کي تعلقو ناهيو، ڪو چوي اسان جي شهر کي يونين ڪائونسل جو هيڊ ڪوارٽر ناهيو، ڪو چوي ٿو تہ اسان جي شهر کي ضلعي جو هيڊ ڪوارٽر ناهيو. اسان اهڙن تماشن ۾ پورا آهيون ۽ حڪمرانن طرفان ڪنڊ جي ڪوٽ ۽ پوش ۾ لڪل جيڪا زهريلي سازش آهي، اها سمجهڻ کان قاصر آهيون تہ سنڌ جي تعمير ۽ ترقي لاءِ ضلعا نہ پيا ناهيا وڃن پر هي سنڌ جي سرزمين جي تقسيم جو منصوبو آهي. هي سر زمين سنڌ جيڪا پنج هزار سالن کان موهن جي دڙي جي تهذيب واري ڌرتي اسان جي مادر وطن آهي، هي ڌرتي سنڌين جو ئي وطن رهيو آهي، ان جي تقسيم جي لاءِ هي شروعات آهي. جي ننڍا ضلعا ناهڻا هجن ها تہ پوءِ ڪراچي هيڏو وڏو سارو سوا ڪروڙ ماڻهن جو شهر آهي، پهرين اتان ننڍن ضلعن جي شروعات ڇو نہ ٿي ڪئي وڃي؟! انهن پنجن ئي ضلعن کي تہ گڏي هڪڙي شهري حڪومت ناهي وڃي ٿي پر حيدرآباد، لاڙڪاڻو ۽ جيڪب آباد جهڙن ضلعن کي ٽوڙي اتي ٽنڊو محمد خان، مٽياري، ٽنڊوالهيار، قمبر ۽ ڪشمور وغير اُن قسم جا ضلعا ناهيا وڃن ٿا. اهڙي جڳهہ تي تعلقہ ناهيا وڃن ٿا. جتي ڪي بہ چار دڪان بہ ناهن. تہ هيءَ سڄي هڪڙي سازش آهي تہ جيئن سنڌ ۾ جڏهن ئي ضلعا ٽيهہ ٿي ويندا پوءِ چيو ويندو هاڻي سنڌ ۾ ٽيهہ ضلعا ٺهي ويا آهن، هاڻي اچو تہ سنڌ ۾ نوان صوبا ناهيون، ڇو جو نون صوبن لاءِ نئون انتظام ڪپي، نوان گورنر، نوان وزيراعليٰ ٿيندا. ائين سنڌ ۾نون صوبن جو راڳ شروع ٿيندو. ٿورو پنهنجي حافظي تي زور وجهو، جنرل ضياءَ جي زماني ۾اها مهم شروع ڪئي وئي هئي تہ ملڪ جون جيڪي 22 ڊويزنون آهن، انهن کي صوبن جو درجو ڏيو. اسان ان وقت بہ مخالفت ڪئي هئي تہ اسان پنهنجي وطن

سنڌ اندر ڪوبہ ٻيو صوبو قبول نہ ڪنداسين. وري بينظير ڀٽو جي پي پي پي جي دورِ حڪومت 1996ع ۾ نيو سوشل ڪانٽريڪٽ (نئون سماجي معاهدو) جي نالي ۾ بينظير ڀٽو صاحبہ چيو تہ ضلعي حڪومتون ناهينداسين ۽ ضلعي گورنر مقرر ٿيندا. اسان ان وقت بہ مخالفت ڪئي هئي تہ هي سنڌ کي ورهائڻ جو بنياد ٿيندو. ان جي ڪري اهڙو نيو سوشل ڪانٽريڪٽ نہ ڪيو. بينظير صاحبہ جيئن تہ سياسي ليڊرشپ مان هئي، ان عوام جو ردِ عمل ڏسندي ان پروگرام تان هٿ ڪڍي ڇڏيو. هاڻي هنن حڪمرانن ضلعي ناظم جي شڪل ۾ هي ضلعي حڪومتن جو جيڪو نظام آندو آهي، ان تي بہ اسان جي سنڌي ماڻهن هنبوشيون هنيون. پر اسان چيو هو تہ سنڌ جي جاگيردارن کي ننڍيون ننڍيون جاگيرون حڪومت ڪرڻ لاءِ نهي ملن پيون. انهن کي اڃي ڪاري جو مالڪ ناهير پيو وڃي ۽ ان جي پويان جيڪو زهر آ آهو اِهو تہ ٻهراڙيون اسٽيبلشمينٽ جي حمايت يافتہ جاگيرادارن جي قبضي ۾. هي شهر شهري دهشتگرد ايم ڪيو ايم جهڙين تنظيمن جي قبضي ۾ وڃن تہ جيئن سياڻي ڪابہ مڊل ڪلاس جي علمي، ادبي، فڪري تحريڪ نہ هلي سگهي. ڪا بہ جدوجهد نہ ٿي سگهي. هاڻي جي اسان ٻهراڙيءَ ۾ پاڻيءَ جي لاءِ تحريڪ ٿا هلائڻ وڃون تہ اسان تي غداريءَ جا ڪيس لڳن ٿا. اسان جيلن ۾ وڃون ٿا، ضلعي ناظم قلم 144 هڻي جدوجهدون ڪرڻ نٿو ڏئي. شهرن ۾ هونئن ئي دهشتگرد وينا آهن. سنڌ جي اندر مڊل ڪلاس جي ترقي، علمي، ادبي ۽ فڪري تحريڪن جي خلاف هي وڏي رڪاوٽ بندي آهي ۽ سنڌ مادر وطن کي تقسيم ڪرڻ جي سازش آهي.

اسان کي خوشي آهي تہ اسان جي اها گهوڙا گهوڙا دانهن ڪُوڪ سنڌ جي ماڻهن کي هاڻي سمجهہ ۾ اچي رهي آهي. ضلعن جي تقسيم جا پهرين جيڪي تمام گهڻو حامي هئا، هاڻي انهن بہ مخالفت شروع ڪئي آهي، اهو هڪڙو خوشي بخشيندڙ عمل آهي. اهڙي طرح ڪوڪڙا پار جو مسئلو حڪمرانن ائين ڪري پيش ڪيو تہ ڪوڪڙا پار سرحد کلڻ سان عالمي ڀائيچارو ٿا وڌايون. هندستان جا سنڌي ماڻهو سنڌ ۾ اچي گهمن، ڦرن ۽ سنڌ جا ماڻهو هندستان وڃن. عالمي ڀائيچارو ٿيندو، وڻج واپار وڌندو. تمام گهڻا دانشور بہ ان زهر ڀري پروپئگنڊا ۾ اچي ويا

تہ واقعي ڪوڪڙا پار ڪلندو تہ ڪو وڏو سڪ تي پوندو ۽ پائيچارو وڌندو. پر هاڻي جڏهن ٻاٽيتو تئي ٿوتہ ڪوڪڙا پار ڪلڻ سان گجرات جا ٻہ چار ڪروڙ هندو مسلم فسادن جا ستيل ماڻهو سنڌ ۾ ڏوڪيندا ايندا. ڪراچي ڪان وٺي عمر ڪوٽ تائين روڊن جون سموريون پٽيون ايم ڪيو ايم جا حامي صنعت ڪار خريد ڪري چڪا هوندا. سرڪاري زمينون نيلام ٿي ويون آهن. پروگرام اهو پيو ٿئي تہ هندستان ڪان ٻہ چار ڪروڙ ماڻهو يو پي، سي پي وارا پائر ايندا ۽ 1947ع ڪان وٺي آيل سندن پائرن جا مددگار ٿيندا. اهڙي طرح مادرِ وطن سنڌ جي حاڪميت جو حق ۽ اختيار هميشہ لاءِ سنڌين ڪان ڪسيو ويندو. اسان جو چٽو موقف آهي تہ جيستائين اميگريشن جو قانون ۽ اختيار سنڌين جي هٿن ۾ نٿو اچي، تيسين ڪو بہ ٻاهرين ڌارين لاءِ نہ ڪوليو وڃي. اڳ ئي ڪابل، قنڌار ۽ الائجي ڪٿان ڪٿان جا ماڻهو سنڌ ۾ آباد ٿي ويا آهن ۽ مسلسل ٿين پيا. جي اسان بيا بہ رستا ائين قانوني طرح کولي ڇڏينداسين تہ اسان سنڌي ماڻهو پنهنجي وطن ۾ ئي پنهنجو اختيار وڃائي ويهنداسين.

ٽين ڳالهہ جيڪا بنيادي آهي، اها آهي ايم ڪيو ايم جي سازش. اسان پهرئين ڏينهن چيو هو تہ الطاف حسين سنڌين جي نياڻين جو عصمتون لٽي بيگناهہ ماڻهن جو قتلام ڪري رت جا درياهہ وهائي ۽ اورانگهي جڏهن لنڊن پهتو هو ۽ لنڊن ۾ ويهي مٿي ۾ سنڌي ٽوپي ۽ ڪلهن ۾ اجرڪ وڌي، مون ان جي پهرين ڏينهن ڪان وٺي چيو آهي ۽ اڄ تائين ان تي قائم آهيان تہ ظاهري طرح تہ الطاف حسين سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ پاتي آهي پر ان پنهنجي ٽنگن مان اجا تائين پائجامون نہ لاٿو آهي، جنگهن ۾ اڄ بہ ان کي پاجامون پاتل آهي، ان جي روح ۾ اڄ بہ مهاجر سپر پاور جو خواب وينل آهي، جنهن جي لاءِ هو لنڊن ۾ ويهي ڪوششون ڪري پيو ۽ مهاجرن کي علحده وطن ناهي ڏيڻ جي سازش ۾ مصروف آهي. اڄ بہ اسلام آباد جي اسٽبلشمينٽ ڪان وٺي عالمي طاقتون ان جي ايجنڊا سان شامل آهن. اسان سنڌي ٿوري وقت لاءِ ئي سهي اڪيلا ٿي ويا آهيون پر ان ۾ ڪا مايوسي ۽ ڀڄڻ جي ڳالهہ ناهي. اسان سنڌي ماڻهو پنهنجي مادر وطن جي حفاظت جي لاءِ وڏي ڪان وڏي قرباني مان گذرڻ لاءِ تيار آهيون. اسان وٽ وڏي ۾ وڏو سچ اهو آهي تہ

اسان هزارين سالن کان هن وطن جا تاريخي طرح مالڪ آهيون. اهو تاريخي سچ اسان وٽ وڏي کان وڏي طاقت آهي.

اسان جا وڏا وڏا اديب، دانشور، الطاف حسين جي تقريرن تي اٿي بيهندا هئا، ٽيليفونڪ خطاب ٻڌڻ ويندا هئا. واهه واهه سبحان الله چوندا هئا ته الطاف حسين سنڌ جي حقن جو تمام وڏو چئمپين آهي، جيڪي سنڌي قومپرست قومي جنگ نه وڙهي سگهيا. اهي بيڪار آهن، اهي سست آهن، چٽ آهن، هاڻي ايم ڪيو ايم سنڌ جي آزاديءَ جي جنگ وڙهندي. انهن وڏيون تاڙيون وڄايون، وڏو آدرياءُ ڪيو. پر اڄ جڏهن سنڌ اسيمبلي ۽ سنڌ جي حڪومت تي قبضو ڪرڻ، گورنر هائوس ۾ پنهنجي دهشتگرد کي ويهارڻ کانپوءِ اهائي سنڌ اسيمبلي جيڪا سنڌين جي عزتن ۽ تاريخ جي محافظ اسيمبلي هئڻ کپي، ان اسيمبليءَ مان اڄ قرارداد پاس ٿئي ٿي ته سنڌ جي اندر جيڪي بهاري بنگالي، نيپالي، سيلوني آهن، انهن کي شناختي ڪارڊ جاري ڪيو ۽ اها ايم ڪيو ايم ٿي آهي، جيڪا اهڙي قرارداد تي پاس ڪرائي. سنڌ جا نادان اسيمبلي ميمبر انهن سان گڏ پنهنجي وجود خلاف صحيحون ڪن ٿا. اڄ سنڌ اسيمبليءَ ۾ قرارداد پاس ٿئي ٿي ته ملٽي نيشنل ڪمپنيون جيڪي ٿرپارڪر جي پٽن مان ڪوئلو ڪڍن ٿيون، جيڪي بدين مان تيل ۽ گئس ڪڍن ٿيون، جيڪي دادو مان ڪوئلو ۽ گئس ڪڍن ٿيون، جيڪي هتي ڪارخانا هئي اسان جي پٽسن تي پلجن ٿيون، انهن ملٽي نيشنل ڪمپنين ۾ روزگار جو حق صرف ڪراچي جو ڊوميسائيل رکندڙ ماڻهو کي هوندو. مطلب ته فقط مهاجر ملٽي نيشنل ڪمپنين ۾ نوڪريون ڪن، سنڌين لاءِ روزگار، تعمير ۽ ترقي جا سمورا رستا بند هجن. شوڪت عزيز جڏهن نائن زيرو تي وڃي ٿو، ان کان پهريون مطالبو ڪيو ٿو وڃي ته ڍاڪا مان بهارين کي گهرائي سنڌ ۾ آباد ڪيو وڃي. هاڻي آئون سمجهان ٿو ته اسان جي سنڌي دانشورن کي، سنڌي ساجاهه وندن کي، سنڌي سياسي سماجي اڳواڻن کي اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي وڃڻ گهرجي ته ايم ڪيو ايم سنڌ دشمن هئي، ايم ڪيو ايم سنڌ دشمن آهي ۽ ايم ڪيو ايم سنڌ دشمن رهندي. نانگ کي توهان کير پياريو، نانگ کي مکڻ کارايو، نانگ کي ڳچي ۾ وجهي ڪٺي هلو، نانگ جي فطرت آهي ڏنگڻ. ايم ڪيو ايم

هڪڙو خطرناڪ ڪارو نانگ آهي، جنهن اڄ ڏينهن تائين سنڌ جي وجود جي خلاف سازشون ڪيون آهن، سنڌ تي حملا ڪيا آهن، سنڌين کي هميشہ ڏنگيندو رهي ٿو. اڄ بہ ضلعن جي تقسيم جي پويان انجنيئر ڏسو ڪهڙا آهن؟! هاڻي تہ تعلقن جون ورهاستون شروع ڪيون اٿن، سکر ۾ جي بہ يونين ڪائونسلون سنڌي آبادي جون وڏيڪ آهن، نواب شاهہ ۾ جي ٽي يونين ڪائونسلون سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن جون اڪثريت ۾ آهن، ميرپور خاص ۾ جي چار يونين ڪائونسلون سنڌي ٻولي ڳالهائڻ وارن جون آهن تہ اهي بہ انهن کي قبول ناهن. انهن علائقن مان سنڌي اڪثريت جون يونين ڪائونسلون ڪٽي صرف مهاجرن جي لاءِ شهري حڪومت ناهڻ ۽ شهرن تي قبضا ڪرڻ جي لاءِ تعلقا ورهايا وڃن ٿا. جنهن ۾ هي سنڌ جو غداراعظم ارباب غلام رحيم جيڪو آءِ ايس آءِ جو پيدا ڪيل آهي، سنڌ جو ان کي ڪوبہ مينڊيٽ ناهي مليل. هي سڀ آءِ ايس آءِ جي مشينري مان پيدا ٿيل آهن. جيڪي رات جي پيٽ ۾ ليڊر پيدا ٿين ٿا، وزارت اعليٰ ۽ وزير اعظم جي عهدن تي پهچن ٿا. اهڙي غير ذميوار وزير اعلائن جي ذريعي سنڌ جي بنيادي حقن جي خلاف هي سازش شروع ٿي چڪي آهي، هلائون ۽ حملا ٿي چڪا آهن.

اسان کي ڏاڍي خوشي آهي تہ اسان جي ان راءِ تي اڄ سنڌ يڪجاءِ ٿئي پئي، سڄي سنڌ محسوس ڪري پئي تہ واقعي اسان ايم ڪيو ايم سان غلط اميدون وابسطا ڪيون هيون. هي تہ اهي ئي ساڳيا دهشتگرد آهن، ڪالهہ ڪلاشنڪوفن جي ذريعي اسان جون عزتون ۽ جانيون تاراج ڪندا هئا ۽ اڄ هي ايوانن ۾ پهچي ڪري اقتداري طاقت جي ذريعي اسان جي وطن جي وجود جي خلاف حملا ڪن پيا.

اڄ آئون ان عزيز بروهي کي شاباسي ڏيان ٿو، جيڪو هنن جو سابق ايم اين اي هو، ان ابتدا ڪئي هئي، ايم ڪيو ايم ۾ شامل ٿيڻ جي، ان ڪري ان کي ايم اين اي بڻايو ويو هو. اڄ ان عزيز بروهي جو ضمير جاڳيو آهي، اڄ هن پنهنجن سمورن ساٿين سان گڏ ايم ڪيو ايم تان استعيفيٰ ڏني آهي ۽ ايم ڪيوايم کي سنڌ دشمن قرار ڏنو آهي. ان جي ڪري آئون اڄ انهن سمورن باضميرن، جيڪي سنڌ مادر وطن کي پنهنجي ماءُ سمجهن ٿا، انهن سمورن ماڻهن کي اپيل ڪريان ٿو تہ

جيڪي ماڻهو پلجي پئڪي ايم ڪيو ايم جي غليظ سازشي ۽ شيطاني پروپئگنڊا جو شڪار ٿي، انهن جا حامي بڻجي ويا آهيو. پنهنجي موقف تي سوچيو. موٽي اچو. ايم ڪيو ايم کان لاتعلقي جو اظهار ڪيو. هن ڌرتي جي سنڌ پرست ۽ سنڌ جي نجات جي تحريڪ ۾ اسان جا ٻانهن ٻيلي ٿيو.

هن اهم موقعي تي آئون هي ضرور ظاهر ڪرڻ گهران ٿو تہ سنڌ جي هڪڙي سياسي پارٽي (جسقم) بشير قريشي جي اڳواڻي ۾ جيڪا اڄ ڏينهن تائين ايم ڪيو ايم سان گڏ آهي،ايم ڪيو ايم جي هر جائز ناجائز عمل ۾ ان جي وات وڪيل ۽ حامي بڻيل آهي، ان جو تحفظ ڪندڙ آهي، ان کي بہ اڄ باضابطا طور تي هن ڪانفرنس جي ذريعي اسين اپيل ڪريون ٿا تہ منهنجا دوست، منهنجا ساٿيو. سنڌ جا پٽ آهيو. توهان کي پنهنجي ڌرتي سڏي ٿي، دشمن جي صفن مان نڪري سنڌ ڌرتي ڏانهن موٽي اچو. سنڌ جي صفن ۾ شامل ٿيو. خصيص مفادن جي ڪري دان اخبار ۾ فوٽو ڇپائڻ جي ڪري، جيو تي اشتهار ۾ اچڻ جي ڪري، ڪي ٻن ڇئن ڪروڙ رپين جي عيوض ڌرتي ماءُ جا سودا ناهن ٿيندا. غيرتمند پٽ ڌرتين جا سودا نہ ڪندا آهن، بلڪ ڌرتين تان قربان ٿيندا آهن. اڄ اهو وقت اچي ويو آهي، سنڌ امڙ انهن سمورن حلالي پٽن کي سڏي ٿي ۽ چوي ٿي تہ اچو منهنجي تقدس، حرمت ۽ منهنجي قومي وحدت ۽ تشخص کي بچائڻ جي لاءِ ميدان عمل ۾ اچو. ان جي ڪري اسان هيءَ قومي ڪانفرنس ڪوٺائي آهي، هن ڪانفرنس ۾ جيڪي سمورا دوست ساٿي شريڪ ٿيا آهن، مان انهن سمورن دوستن جو بيحد شڪر گذار آهيان.

مون ضروري سمجهيو آهي تہ هي بنيادي نوعيت جون ڳالهيون، اهي بنيادي گذارشون اوهان جي سامهون رکجن. ان سلسلي ۾ سوچ ويچار ٿئي، گڏيل طرح مشورو ٿئي، سنڌ جي هڪ گڏيل قومي ايجنڊا نهڻ گهرجي. مون ڪافي وقت اڳي 1998ع ۾ سنڌ بچايو ڪانفرنس سڏائي هئي. ان ۾ بہ اسان اها ڳالهہ ڪئي هئي تہ سنڌ جو هڪڙو قومي ادارو نهڻ گهرجي. ڇو جو اهڙي صورتحال ناهي جو ڪا هڪڙي پارٽي سڄي سنڌي قوم جي اڪثريتي عوام جي نمائندا هجي ۽ اها قوم جي

رهنمائي ڪري. سنڌ جي پارلياماني پارٽي وڏي ۾ وڏي پي پي، پوءِ مسلم ليگ، مذهبي جماعتون، اهي جيڪي به پارٽيون پارليامينٽ ۾ وينيون آهن ۽ اسان جيڪي سنڌ جي گهٽين ۾ ۽ روڊن تي جدوجهد ڪندڙ قومپرست پارٽيون، سنڌ جا اديب شاعر، ليکڪ دانشور جيڪي راتين جا اوجاڳا ڪري، اکين جو نور نچوئي سنڌ جي فڪري جدوجهد ڪيون پيا، انهن سمورن کي گڏ ڪري سنڌ جو هڪڙو قومي ادارو نهڻ گهرجي. جيڪو پس منظر ۾ هجي، جيڪو سنڌ جي بابت مشورا ڪري ۽ سنڌ جي هڪڙي قومي ايجنڊا طئہ ڪري، پوءِ سموريون سنڌ جون سياسي پارٽيون سمورو سنڌ جو عوام ان ايجنڊا تي ڪم ڪري، سنڌ جي ڪاز کي اڳتي وٺي هلي. اهو ئي اسان جي بقا جو رستو آهي، اها ئي اسان جي جياپي جي واٽ آهي. اڪيلي اڪيلي وڙهندي هڪٻئي تي الزام هڻندي، فتوائون جاري ڪندي، اسان تمام گهڻو وڃايو آهي. جي اجا ائين ڇڙوڇڙ رهنداسين تہ وجود وڃائي ويهنداسين. ان جي ڪري دوستو، ساٿيو! پاڻ هن سڄي مسئلي تي مشورو ڪندي انشاءَ الله ڪنهن متفق راءِ تي پهچنداسين ۽ متفق فيصلي سان پاڻ سنڌ جي مستقبل ناهڻ لاءِ گڏجي ڪري اڳتي هلنداسين. آخر ۾ آئون توهان سمورن دوستن ساٿين جو شڪرگذار آهيان ۽ اهو مشورو هال وارن کي ڏيڻ چاهيان ٿو تہ هي جيڪي اسٽيج تي دوست ويٺا آهن، انهن کي آخر ۾ موقعو ڏنو وڃي. جيڪي بہ هال ۾ ويٺل شاعر دانشور دوست ويٺل هجن، سنڌ وطن بابت ڪو شعر پڙهڻ چاهين ٿا تہ اهي بہ پنهنجا نالا دوستن کي پهچائين. ڪو اتان ويهي راءِ ڏيڻ چاهي ٿو، پنهنجو موقف بڌائڻ چاهي ٿو تہ انهن کي مائيڪ ڏنو وڃي. ڪو اسٽيج تي اچي ڳالهائڻ چاهي ٿو تہ انهن کي اسٽيج تي ڳالهائڻ جو موقعو ڏنو وڃي تہ جيئن شام جو پنجين وڳي تائين پاڻ ان سڄي ايجنڊا تي پنهنجا ويچار ونڊي ڪنهن متفق فيصلي تي پهچون.

آئون سمورن دوستن ساٿين جو بيحد شڪر گذار آهيان توهان جي مهرباني.

**محمد ابراهيم جويو:** هن پروقار ڪانفرنس ۾ ويٺي ويٺي جيڪي ڳالهيون اسان ٻڌيون آهن سي ايتريون نہ ڪريون ڪريون، سلجهيل، سچيون آهن، جو مان نٿو سمجهان تہ سواءِ ڪن ٿورڙين ڳالهين جي ڪنهن بہ ڳالهہ سان اوهان کي ڪو اختلاف ٿي سگهي.

معدني وسيلن ۽ سنڌ سان جيڪي ناٿي جي ورچ ۾ ناانصافيون ٿين پيون انهي بابت اتي مون چند ڳالهيون ڪيون هيون. ڊان اخبار جيڪو ان جو احوال لکيو آهي، تنهن ۾ اهي اکر بہ اکر ڏنا اٿن. اتي مون بہ ڳالهيون ڏاڍيون مزيدار دوستن جي اڳيان رکيون هيون. هڪڙو قول مسٽر محمد علي جناح جو 1933ع ۾ مسلم ليگ جي پليٽ فارم تي تقرير ڪندي هن چيو هو تہ "سياست جيڪا آهي سا روئڻ پٽڻ ۽ ماتم ڪرڻ جو نالو ناهي، سياست طاقت جو نالو آهي." ٻي ڳالهہ مون ڪئي هئي تہ مولانا محمد علي جوهر جيڪو آزادي جو ايترو دلدادو هو، جو جڏهن گول ميز ڪانفرنس ۾ لندن ۾ ويو اتي اهو اعلان ڪيائين تہ آئون هتان آزاد هندوستان وڃڻ گهران ٿو. جيڪڏهن اڄ يا سڀاڻي هن ڪانفرنس کان پوءِ مون کي آزاد هندوستان وڃڻ جو موقعو نہ مليو تہ هتي ترسي پوندس ۽ ملڪ کان ٻاهر فوت ٿي ويندس. سو واقعي ٿيو بہ ائين انڊيا ڪونہ ويو ۽ هو ترڪي ۾ فوت ٿي ويو. ان جو چوڻ هو تہ " اتي تہ اڪثريت جي حڪمراني ائين آهي، جيئن ڦيٿي ۾ هڪڙي ڦڙڪ وجهي ڇڏجي ۽ ڦڙڪ جي ڪري ڦيٿو هلي ٿي نہ. تنهن ڪري اڪثريت جي ڦڙڪ ڪڍڻي پوندي."

پاڪستان جڏهن نهي رهيو هو تہ اسان کي ٻڌايو ويو هو تہ پنجن قومن جو مجموعو بنگال، پنجاب، پٺاڻ، بلوچ ۽ سنڌي اهي پنج ئي قومون برابر برابر هونديون ۽ پاڪستان جي حڪومت ۾ اهي ايڪايون هونديون تہ هڪ هڪ ايڪائي آزاد ۽ خودمختيار هوندي، پر جڏهن پاڪستان نهيو تہ ڳالهہ بلڪل ان جي ابتڙ ٿي ويئي. هاڻي جيڪا صورتحال آهي تہ جيڪي چار يونٽس آهن، تنهن ۾ فقط پنجاب Autonomous ۽ Sovereign آهي ۽ اسين جيڪي آهيون سنڌي، بلوچ ۽ پختون سي اقليت ۾ آهيون ۽ غلام آهيون. اهو جيڪو پاڪستان ۾ حڪمراني جو ڦيٿو آهي، ان کي اڪثريت جي اها ڦڙڪ لڳل آهي، جيستائين اها ڦڙڪ ختم نہ ٿيندي، تيستائين ڦيٿو نہ هلندو. اسان

قرباني لاءِ آماده ڪرڻ سان هٿ اچي ٿي. جيستائين قرباني لاءِ ماڻهن کي سڏ نہ ڏيندؤ رستو نہ ڏيکاريندؤ تہ هي مقصد آهي. هن مقصد لاءِ اسان گڏ ٿيا آهيون. هي طريقہ ڪار آهي ۽ ان ۾ اسان وڙهنداسون مرنداسون قربانيون ڏينداسون اچو! جيستائين اهو سڏ Call نہ ڏينداسين. ان کي چئبو آهي Call for action (عمل لاءِ سڏ) تہ جسيتائين عمل لاءِ سياسي پارٽيون سڏ نہ ڏينديون تيستائين سياست جي طاقت هٿ نہ ايندي. تہ مون چيو تہ قومي جماعتن جا ليڊر اهي گڏ ٿين تہ هڪ مقصد تي سنڌ لاءِ متفق ٿين تہ سنڌ لاءِ اسان هيءَ ڳالهہ گهرون ٿا. پوءِ اها فقط فيڊريشن هجي، ڪنفيڊريشن هجي يا پنجاب جي اڪثريتي حڪمراني کان صفا نجات هجي. جيڪا بہ هجي ان تي قومي جماعتون يڪمشت ٿين. انهن جا ليڊر ٿين ۽ پوءِ انهي يڪمشت پروگرام تحت جيڪڏهن اهي جماعتون ماڻهن کي، ڪارڪنن کي ميمبرن کي گويا سڄي لشڪر کي تيار ڪنديون، ڪنهن حڪمت عملي طور تہ مان سمجهان ٿو تہ مقصد اسان کان گهڻو پري نہ رهندو ۽ حاصل ٿي پوندو. ڇو تہ قومون غلام ٿينديون بہ مشڪل آهن ۽ هڪ دفعو قوم غلام ٿي تہ انهيءَ غلامي مان نڪرڻ بہ ايڏو آسان ناهي هوندو. جيستائين رت نہ ڏبو، رت نہ وهائبو تيستائين ڪابہ قوم آزاد ڪانہ ٿي ٿئي. ڪٿي اڄڪلهہ جمهوريت جو راڄ هجي يا چون ٿا تہ Terrorism خراب آهي، وڙهو نہ. پر گهڻا طريقا آهن. جدوجهد جا، سياسي جدوجهد جا تمام گهڻا طريقا آهن، اڄ جي نئين دؤر منجهہ بہ مثلن هندوستان هو 1947ع ۾ آزادي ورتائين، جيل ڀريائون، وچي ڌرڻا هڻي ويهي رهندا هئا، اعلان ڪيائون تہ لوڻ بنا ٽيڪس گڏ ڪري استعمال ڪنداسون، اهو لوڻ. مهاتما گانڌي چيو تہ لوڻ تي ٽيڪس نہ ڏينداسون انهي تي هن هزارين لکين ماڻهو گڏ ڪيا. تہ اهي گهڻا طريقا آهن سياست ۾، جن کي آئيني طريقا Constitutional Methods چئبو آ. آئيني طريقا بہ جيڪي عملي آهن، ڇو تہ رڳو نعريبازي ڪبي نعرا هڻبا ۽ عملي قدم نہ کڻبو تہ منزل تي پهچي نہ سگهبو. اهي چند ڳالهيون گوش گذار ڪيون اٿم. تقريرن کان پوءِ هن قومي ڪانفرنس جي نتيجي طور گڏيل پڌرنامو يا اعلان اوهان اڳيان پيش ٿيندو. بيون ڳالهيون جيڪي بين بہ ڪيون، مون بہ ڪيون تمام سنيون ڳالهيون ڪيون ويون آهن. انهن کي گڏجي ويهي جيڪڏهن وهجائبو تہ تمام سنا رستا نجات جا نڪري سگهن ٿا.

**زين انصاري:** پاڪستان ناهڻ جي سنڌي ماڻهن وڏي حمايت ڪئي هئي ۽ اها انڪري نہ ڪئي هئي تہ پاڪستان ۾ سنڌي ماڻهو پريشان حال هجي. سنڌ جي پاڻين تي ڌاڙا لڳن، سنڌ جي معدنيات تي ٻين جا قبضا هجن، سنڌ ۾ غربت ۽ بيروزگاري هجي، سنڌ ۾ ڌاڙيلن جو راڄ هجي، اهو ڪڏهن تصور بہ نہ ڪيو هو. انهيءَ سڀني جو ڪارڻ فوجي جنتا آهي، فوجي جنتا قائداعظم محمد علي جناح جو بہ حڪم ڪونہ مڃيو. قائداعظم جڏهن فوج کي ڪشمير تي حملي لاءِ چيو تہ ان وقت جي چيف آف آرمي اسٽاف عمل کان انڪار ڪري ڇڏيو. فوجي جنتا جو قائداعظم جي قتل ۾ مک ڪردار هو. فوجي جنتا سان ٻيو فيڪٽر آهي مهاجرن جو. فاطمہ جناح چيو تہ منهنجي ڀاءُ محمد علي جناح مون کي چيو تہ "جيڪي هي مون کي پڇڻ ٿا اچن، اهي طبيعت پڇڻ ڪونہ ٿا اچن پر ڏسڻ ٿا اچن تہ قائداعظم ڪڏهن ٿو مري" قائد اعظم کي زيارت مان ڪراچي اهڙي ايمبولينس ۾ ڪٺي آيا جيڪا ڪنارا هئي ۽ هو اڌ مري چڪو هو، جڏهن قائد اعظم مري ويو ۽ فوجين کي اطلاع ڏنو ويو تہ اهي اي سي ڪمرن مان ڪونہ نڪتا، جڏهن ٻيهر کين اطلاع ڏنو ويو تہ قائد اعظم مري چڪو آهي ۽ سندس منهن ۽ وات تي مکيون وينيون آهن تہ پوءِ پنيندا آيا تہ ابو مري ويو. 47ع کان وٺي 2005ع تائين ڏسو تہ وڏو عرصو فوجي جنتا رهي، جمهوريت کي هلڻ نہ ڏنو ويو. انتها ٿي ويئي آهي، اهي چمچا ۽ بوٽ پالش ڪرڻ وارا چون ٿا تہ جمهوري حڪومت ۾ صدر فوجي وردي وارو ٿي سگهي ٿو، ڪاڏي وردي، ڪاڏي صدر ۽ ڪاڏي جمهوريت، هو سمجهن ٿا تہ 12 ڪروڙ عوام بيوقوف آهي، جڏهن ملڪ سان اهو حشر هوندو تہ پاڻ سان ڪهڙو حال هوندو. توهان ڪڏهن بہ ترقي ڪري نٿا سگهو سنڌيو! جيستائين فوجي جنتا مان جند آجي نٿا ڪرايو. فوجي جنتا سان ڪڏهن بہ پنجاب ناهي وڙهيو، سرحد ناهي وڙهيو، سنڌ وڙهي آ، سنڌ وڙهي آ، ۽ سنڌ وڙهندي رهندي. اسان انسانيت جا علمبردار آهيون، اسان مهذب ماڻهو آهيون، اسان تہ موئن جي دڙي جا محافظ ۽ وارث آهيون، توهان ڪڏهن بہ سنڌ جي اندر ڪنهن وڏيري سردار جي ٽما فتويٰ نہ ٻڌي هوندي تہ ڪنهن عورت کي سزا ڏيڻ لاءِ ان سان اجتماعي زنا ڪئي وڃي، جيئن پنجاب جي مختياران مائي جو ڪيس توهان جي سامهون آهي. سنڌ جي ڪنهن ظالم وڏيري جاگيردار سردار

**سينيٽر ڊاڪٽر خالد محمود سومرو:** اسان سڀ سنڌ قومي ڪانفرنس ۾ سنڌ کي سورن مان ڪڍڻ لاءِ تجويزون مرتب ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون. الله سائين فرمايو آ قرآن مقدس ۾ "ڪنهن کي به گندي زبان ڳالهائڻ جي اجازت ڪونهي" پر جيڪڏهن مظلوم ظلم کان تنگ ٿي ڪري گندي بولي ڳالهائي ته شريعت ۾ گنهگار نه ٿيندو. اهو مان قرآن جي آيت جو مفهوم عرض ڪيم. اسان مظلوم آهيون. اسان سان ظلم پيو ٿئي، ان ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي. ظلم ڪرڻ وارا ڪير آهن. سيني جي سامهون آهن پر ڪجهه اسان جا پنهنجا پائر به انهن سان شريڪ آهن. شروع ۾ جيڪڏهن اسان سوچيون ها ته شايد اسان کي هي ڏکيا ڏينهن ڏسڻا نه پون ها. هن وقت سنڌ سورن ۾ عذابن ۾ آهي، اڄ جي ڪانفرنس جي حوالي سان مان سڀ کان پهرين تجويز اها ٿو پيش ڪيان ته اسان تعليمي معيار بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪيون. اسانجي اڪثريت پڙهيل ڳڙهيل جاهلن تي مشتمل آ. تعليمي ميدان ۾ اسان جو معيار بهتر نه هوندو ته اسان اڳتي وڌي نه سگهنداسون. جديد پڙهيل ڳڙهيل نوجوان به ان مرض ۾ مبتلا آهن ۽ مان پنهنجي جنس کي به ٻاهر نه ٿو ڪڍان، 99 سيڪڙو ملان مولوي به اڻ پڙهيل ۽ جاهل آهن. جنهن جي ڏاڙهي ناهوڪي ۽ پٽڪو ناهوڪو. اهو اسان وٽ فرسٽ ڪلاس قسم جو مولوي آ. حالانڪ ائين ڪونهي.

هڪ ته تعليم جي معيار کي بهتر بڻايو ۽ ٻيو تعليمي ادارن ۾ نوجوان ٿورين ٿورين ڳالهين تي وڙهن ٿا. ان سلسلي کي ختم ڪرايون. اختلاف ٿيندا آهن، ليڪن اختلافن کي ذاتي جنگ نه بڻائڻ گهرجي. زبردست نقصان ٿيو آهي ۽ ٿي رهيو آهي. هن قومي ڪانفرنس ۾ اچو وچن ڪيون ته تعليمي معيار بهتر بڻائينداسين ۽ ويڙهه جو سلسلو ختم ڪرائينداسين.

نمبر ٻي ڳالهه ته سنڌ ۾ جيڪي جهيڙا هن، اچو ته انهن کي ختم ڪرائڻ لاءِ گڏجي ڪوشش ڪيون. اسان جي عالمن بزرگن آغاز ڪيو آ ليڪن تنها اسان ڪجهه نٿا ڪري سگهون. پوءِ اهي مذهبي جهيڙا هجن، سياسي جهيڙا هجن يا قبائلي جهيڙا هجن. اسان جي سنڌ کي زبردست نقصان پهچايو آ. اسان مشترڪا قومي مقصدن جي حاصلات لاءِ گڏيل جنگ وڙهون. ان سان گڏوگڏ جيڪي ماڻهو انهن جهيڙن کي هٿي ٿا ڏين.

انهن کي بينقاب ڪيون. انهن جي حوصلاشڪني ڪيون. اسان کي ويڙهايو ٿو وڃي. جيڪڏهن توهان اسان گڏجي ڪري ڪوشش ڪنداسين ته اسان جي سنڌ هڪ پيرو پيهر امن جو مرڪز بڻجي ويندي. حڪمرانن به اسان سان ظلم ڪيا آهن پر پيرن ۽ ميرن به ظلم ڪيا آهن. انهن کي به بي نقاب ڪرڻ کپي ۽ انهن کي بينقاب ڪرڻ جي ضرورت آهي. جيڪي چند ٽڪن جي لالچ ۾ سنڌ جو سودو ٿا ڪن. اهي وڏيرا اهي پوتار، اهي سردار انهن کي به بينقاب ڪرڻ جي ضرورت آ. مان اهو به عرض ڪيان ته ديني حوالي سان به سنڌ جي زبردست اهميت رهي آهي. اها سنڌ جي جيڪا ڪيترائي پائر هتي ٽوپي پايون وينا آهن. رڙيون ڪري ڳالهائي ٿي ته سنڌ جا وڏا بي دين نه هئا. ڪنهن به قوم ۽ ملڪ جي ٽوپي، پٽڪي ۾ سجدي جو محراب ڪونهي. اها سنڌي ٽوپي آهي، جنهن ۾ سجدي جو محراب آهي. مڪي پاڪ ۽ مديني پاڪ ۾ اڄ به جيڪي حديث جا ڪتاب پڙهايا وڃن ٿا، بخاري شريف ۽ مسلم شريف، بخاري شريف جي مٿان سنڌي عالمن جا فوٽ نوٽس لکيل آهن. اها ڳالهه ثابت ڪري ٿي ته سنڌ مان اهڙا عالم پيدا ٿيا، جن عربستان جي ماڻهن کي پاڪ محمد ﷺ جي حديث پڙهائي.

اسان کي گڏجڻ گهرجي، اختلافن کي گهٽ کان گهٽ ڪرڻ گهرجي. جائز حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪرڻ الله جو قسم اهو به جهاد آهي. حضور سائين جن فرمايو "جيڪو ٻني ۽ ونءِ لاءِ وڙهي ٿو ۽ مري ٿو وڃي اهو به شهيد آهي. سائين پير وارو فرمائيندو هو ته پٽ سڀ ماڻهو جهاد ناهن ڪندا. ڪي جهاد ڪندا آهن، ڪي انهن جي مدد ڪندا، ڪي زخمين جو علاج ڪندا، ڪي مجاهدن جي ٻارن ٻچن جي خدمت ڪندا، انهن جي گهر اَن پهچائيندا، ڪي اهڙا به هوندا، جيڪي ڪجهه نه ڪري سگهندا پر انهن لاءِ دعائون گهرندا. چوندا يا الله سائين هنن مجاهدن جي پارت اٿئي. جيڪو جيترو هلي سگهي، ان کي اوترو هلڻ ڏيو ۽ ان جو ساٿ ڏيو. گڏجڻ جي ڪوشش ڪريو. اختلافن کي گهٽايو. جيڪڏهن اسان متحد ٿي ميدان تي نڪتاسين ته انهن ظالمن کي هٽائي سگهون ٿا ۽ پنهنجا حق وٺي سگهون ٿا. الله ڪري ته سنڌ سورن کان آزاد ٿئي.

**مولا بخش چانڊيو:** آئون ڊاڪٽر قادر مگسي صاحب جي ان راءِ جي مڪمل تائيد ٿو ڪريان تہ سنڌ ۾ اهڙو فورم ٺهڻ گهرجي. جنهن تي سنڌ جا سڀئي قابل قبول ماڻهو هجن جن جي راءِ هجي، جن جي آواز ڪي ڪنهن پارٽي جي راءِ نہ. ڪنهن ڌر جي راءِ نہ پر سڄي سنڌ جي راءِ سمجهيو ٿو وڃي. جو ضرور پليٽ فارم ٺهڻ گهرجي. ماضي ۾ اهڙو پليٽ فارم ٺهيو. ان سنڌ جي وڏي خدمت ڪئي. اسان وٽ مصيبت آهي تہ هڪڙا ادارا ٺهندا ناهن. پيو ٺهندا آهن تہ انهن کي تسلسل سان هلائڻ ڏاڍو مشڪل ٿيندو آهي. هتي يوسف لغاري صاحب ويٺو آهي، مون ان کي پنهنجي گهر ڪچهري ۾ چيو هو تہ ڊيموڪريٽڪ گروپ کي پارٽي ۾ نہ بدلايو. هتي پارٽين جي کوٽ ڪانهي پر اهڙي پليٽ فارم جي کوٽ آهي، جنهن کي سنڌ جي سڀني ماڻهن جو. پڙهيل لکيل ماڻهن جو اعتماد حاصل هجي. ڊيموڪريٽڪ فورم جي پليٽ فارم تان سنڌ جا ڪافي مسئلا کنيا ويا، جن کي پڙهيل ماڻهن سان گڏ خود پارٽين مانَ ڏنو. تنهن ڪري اهڙو گڏيل فورم ضرور ٺهڻ گهرجي. جنهن کي سنڌ جي سمورن پڙهيل لکيل ماڻهن ۽ ڌرين جي تائيد حاصل هوندي ۽ آئون ڊاڪٽر صاحب جي ان سلسلي ۾ ڏنل راءِ جي مڪمل حمايت ڪيان ٿو.

پيپلز پارٽي سميت سمورين پارٽين تي جيڪا تنقيد ٿي آهي. ناز سنائي صاحب جيڪا تنقيد ڪئي آهي پي پي تي ان جو شڪر گذار آهيان. ان کي حق آهي ان تي ناراض ڪونہ آهيان. جي قومي ڪاج آهي تہ تنقيد تي ناراض نہ ٿيڻ گهرجي، حقيقتن کي قبول ڪرڻ گهرجي. اها ڪا بري ڳالھ ناهي. پر سمورين پارٽين کي برو ڀلو چوڻ. ڪميون پيشون ضرور آهن پر ائين تنقيد ڪري وڃڻ بہ درست ڪونهي. اهو فيشن ٿي ويو آهي تہ سياسي پارٽيون گڏ ڪونهن. سياسي پارٽين تي تنقيد ٿئي ٿي پر جڏهن بہ ڪو سڏ ٿيو آهي سنڌ خاطر تہ. سڀ سياسي پارٽيون اچي گڏ ٿيون آهن. پاڻي جي مسئلي تي، ڪالاباغ ڊئم جي معاملي تي جڏهن سڀ سياسي ڌريون گڏ ٿيون تہ خود محترمہ بہ اچي گڏ ويٺي. ڌار پروگرام ۽ حڪمت عملين جي باوجود. اختلاف هوندي هي ڪيڏي نہ صحتمند روايت آهي تہ پاڻي جي مسئلي تي هينئر بہ ننڍيون وڏيون پارٽيون گڏ آهن. باقي سياسي پارٽين تي تنقيد فيشن ٿي ويو آهي پر اوهين سوچيندڙ ماڻهو ٿورو سوچيو تہ

ان موقعي تي حيدر ملاح پنهنجو نظم پڙهيو.

## او سپوتو، سورهيو، سنڌ وارثو!

مي وڪيو بي نڪو،
ڇا اڪيلو وڪيو!؟
من جي تخم جا سارا،
وڏا من وڪيا،
من جو بابو وڪيو،
من جو ڏاڏو وڪيو،
من جي آڪم سڃي آ،
وڪاڻي متي،
من جي در جي متان،
ڇو ٽا توا ٽنڪيو!؟
ڪار مُنمين جي منمن تي،
ڇو ٽا لينٽما ڪيو!؟
بيضا ڪنا ۽ ڇو ٽا ٽماٽا قتل،
من جي منمن تي ڇٽيو،
من ٽ نسلن جي چمري تي آ،
داڻٽي ملي،
من ٽ تمذيبن تي آ،
ملاڪوڙ جيان ملان ڇڻ ڪٺي!!

من تاريخ ڪي آ ڇٽبو ۽ ڇٽيو!!
او سپوتو سورهيو سنڌ وارثو!!!
من جي چمري تي پوندا ڪمروڙي ڪيو،
من جي تخم تي ٽڪي بس،
وري پيا ٽڪيو،
پاٽي جيڪو ڪپائي،
سو ٽوڪو وڏو،
سنڌو جيڪو ڪپائي
سو ٽوڪو وڏو،
سنڌ جيڪو ڪپائي،
سو ٽوڪو وڏو،
ڪار تنمن ڪي متان،
اومان ڪا ڏيو،
ڪار تنمن ڪي ٽ تاريخ ڏيئي آ ڇڏي،
مو جتان ٻ لنٽمي،ڪيس ٽوڪو ڇٺو،
ڪيس ٽوڪو ڇٺو.....!
ڪيس ٽوڪو ڇٺو....!!

ڪنهن بہ قوم جي زندگيءَ ۾ اهو وقت ضرور ايندو آهي، جڏهن ان وٽ چونڊ لاءِ صرف ٻہ ئي رستا بچندا آهن، غلامي يا جنگ. ڏکڻ آفريڪا لاءِ هاڻ اهو وقت اچي ويو آهي. تنهن ڪري اسان جي چونڊ غلامي خلاف جنگ آهي. **نيلسن منڊيلا**

حسين جئي مهاجر جو نعرو هتي رهيو آهي، اوهان جو ڇا مشورو آهي." چيائين "منهنجي ڳالهه مجيو جهڙو آ تهڙو آ. ان جي پنيان لڳو اوهان کي منزل تي پهچائيندو." اسان اجا تائين ليڊر مقرر ڪري نه ٿا سگهون ته ڪير آ. ته يونيورسٽيون نهيون پيون آهن. اجا يونيورسٽيون ناهيو. هي فلاڻي جي يونيورسٽي. هي هن جي يونيورسٽي. هي مذاقون ڇڏيو. سنجيده ٿيو. ڇا بچيو آ اسان وٽ. درياهه ڦرجي ويو. ٻيلا ڦرجي ويا. سمنڊ تي ميڇين جا نيڪا کسجي ويا. سمنڊ الله جو. ماڻهو الله جو. مڇي الله جي. ماري وري ڪارايو رينجرز کي. اها اسان سان حالت ٿي آهي. اجا اسان سوچيون پيا ته يونيورسٽيون قائم ڪريون. ادارا قائم ڪريون. پوءِ اڳتي هلي ملنداسين. ڇو ته ڊپ آ ته پڳ نه هلي وڃي. اها پڳ ته اسان کي ماري ٿي.

هڪڙو انهن سردارن مان ڦاٿا آهيون. هڪڙو اسٽيبلشمينٽ مان ڦاٿا آهيون. هڪڙو انهن ڌاڙيلن مان ڦاٿا آهيون. اسان سنڌي چار رخي بلا مان ڦاٿا آهيون. وجون ڪيڏانهن. هڪڙو هجي ته ڪنڌ مروڙيون. هيڏانهن هڪڙي هوڏانهن ٻي بلا. چار چار ڪلاڪ ۾ فيصلو ٿو ٿئي. اڳي اسان جي خلاف سازشون اسلام آباد ۾ ٿينديون هيون. هاڻي ته مشرف صاحب اچي ٿو ايم ڪيو ايم جو وفد ملي ٿو. چيف سيڪريٽري وينو آ. سنڌي ڪوبه ڪونهي. بابا شناختي ڪارڊ 35 لک بنگالي، بهاري، برمي کي ڏيو ۽ عمل ٿئي ٿو. اسان جا وڏيرا ڪلن ٿا. ڪنهن کان پڇن به نٿا. اڙي شرم ڪريو. اها جيڪا توهان کي عزت آ. اها سنڌ بخشي آ. سنڌي ماڻهو بخشي آ. هي پيجارو. هي وڏيون گاڏيون. بنگلا. صدام حسين کي ڏسو! ڏوڙ ٿي ويندو. سنڌ نه بچندي ڏوڙ ٿي ويندو. اسان ته وري به مڙس ماڻهو آهيون. لنيون ڪائينداسين. هٿنداسين. منزل تي پهچنداسين. اسان پنهنجي سنڌ جي حاڪميت بچائينداسين پر توهان سوچيو. توهان جو حشر ڪهڙو ٿيندو. اهي جيڪي سنڌ جا سوداگر آهن. جيڪي سنڌ جو سودو ٿا ڪن. آئون انهن غدارن تي لعنت ٿو وجهان ۽ چوان ٿو ته سڌرن. نه ته هي ماڻهو توهان کي هن ڌرتي ۾ دفن ٿيڻ به نه ڏيندا. ٻاهر ڦٽو ڪري ڇڏيندا. توهان جو ساٿ سلامت هوندو سنڌ سلامت هوندي.

**مولانا عزيز الله ٻوهيو:** دوستو! هڪ مهيني کن جي ڳالهہ آ تہ قومي اسيمبلي جا ڪجهہ سنڌي ميمبر وزيراعظم سان مليا تہ ايم ڪيو ايم وارن کي جهليو تہ اسان جي ترڪ ۾ سياست نہ ڪن. هي وڏيرا هريل آهن تہ ٻين کي جهليو تہ اسان اڪيلي سر ڪيون. ڊاڪٽر قادر مگسي اها صورتحال ڏسي اوهان پاڻ کي سڏيو آ تہ توهان جي ڌرتي آ، تہ هان جو ورثو آ، توهان سوچيو توهان کي بہ ڪجهہ ڪرڻو آ. فرق اهو آ تہ سنڌي وڏيري سياست ڪئي ٿي حڪمرانن سان سازباز جي طور تي آ. هنن هميشہ پنهنجن سان بہ ائين ڪيو آ، پنهنجن کي واڙايو آ. هاڻي هنن جا واڙيل ايم ڪيو ايم وارو ڇڏائيندو تہ هنن کي تہ سور ٿيندو. پر اصل بنيادي سياست اها آهي تہ ڌرتي جي ڌڻين کي ڌرتي جي مالڪن کي احساس ڏيارجي تہ توهان مالڪي ڪيو. آئون ڊاڪٽر صاحب کي وري بہ مبارڪباد ٿو ڏيان تہ اوهان ڌرتي جي مالڪن کي سڏيو. اها تمام سٺي سوچ ۽ سٺي ڪوشش آهي.

پونم جو پروگرام نهيو تہ ملڪ 40 جي قرارداد تحت هلي. 40ع جي قرارداد ۾ جيڪا بہ ڪشش آهي، اها مجبوري ڪان لکرائي ويئي هئي. ان قرارداد جو متن لکڻ وارو سنڌي پير علي محمد راشدي هو ۽ ڇو لکي ويئي هئي تہ مولانا عبيدالله سنڌي جلا وطني ڪانپوءِ جڏهن هتي آيو تہ هن جمنا نربدي سنڌ ساگر پارٽي ٺاهي. ان جو منشور اهو هو تہ سڄي هندوستان جون قومون ۽ رياستون خود مختيار ۽ آزاد هونديون ۽ سڀني کي هڪڙو نالو ڪنفيڊريشن ۾ هوندو تہ جي دشمن ڪاهي اچي هن ڌرتي تي تہ ان سان گڏجي وڙهون. ٻيو مولانا صاحب ڪانگريس ڪان هڪ قرارداد منظور ڪرائي هئي تہ جنهن جنهن خطي ۾ مذهبي حوالي سان جنهن جي اڪثريت آ تنهن جي حڪومت نهندي. اهو فارمولو مولانا ايڏو تہ اڇلايو هو ڪانگريس جي ذريعي جو ان سان پاڪستان ٺاهڻ جو ڪوبہ اخلاقي جواز ئونئل ختم ٿي ويو. ڇو تہ پاڪستان نهيو ٿي ان ڪري پئي تہ مسلمانن جي اڪثريتي صوبن تي مشتمل ملڪ پاڪستان هوندو. ڪانگريس جي ان قرارداد ڪانپوءِ جڏهن مسلم ليگ اها قرارداد (40ع) پاس ڪئي تہ قائد اعظم وٽ ڪيترائي مسلمان ويا. جن چيو تہ هاڻي تون ڇوٿو پاڪستان لاءِ مطالبو ڪرين؟ هاڻي تہ مطالبو از خود ٿي ويو. پر هو تہ ٽائوٽ ماڻهو هو. هو تہ هڪڙي پيچ اپ سان آيل هو. هن

ڪي تہ پويان Push ڪيو پئي ويو. هن تہ پنهنجي ڳالهہ تان هٽ نہ ڪئيو پر ڪيترا ليگي مسلم ليگ ڇڏي ويا هئا. هتي زوري پاڪستان ناهڻ جو مقصد اهو هو تہ عالمي سامراج ڪي دنيا مان ڪميونزم ڪي، سوويٽ يونين ڪي ختم ڪرڻو هو ۽ ان لاءِ مسلمانن کي استعمال ڪرڻو هو. اهو ڪم پاڪستان هنن کي ڏئي ڇڪو.

وائسراءِ هند، سنڌ جي وزيراعظم شهيد الله بخش سومرو کي گهرايو هو تہ هتي اسان جي دوستن پاڪستان ناهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، تون انهي جو ساٿ ڏي. الله بخش سومرو کيس جواب ڏنو تہ توهان جڏهن هتي آيا رهئا تہ هتي سنڌين جي حڪومت هئي. توهان سان اسان جي جنگ لڳي. هاٿي ڇڏيون ٿا وڃو تہ توهان مالڪن کي ڏيون وڃو، جن کان کسي هيو. توهان جي مسلم ليگ سان اسان جو ڪو واسطو ڪونهي، اوهان جي ڪانگريس سان ڪو واسطو ڪونهي، توهان اسان کي مجبور نہ ڪيو تہ انهن جي پنيان هلون. سو هن (وائسراءِ هند) سمجهيو تہ جيستائين هي ماڻهو زنده هوندو پاڪستان نہ نهندو. سو کيس قتل ڪرايائون، مسلم ليگين هٿان، کهڙي کان. ڪيترن مسلم ليگين جي گهرن ڏانهن شهيد الله بخش جي قتل جا پيرا وڃن ٿا.

دوستو! مولانا عبدالقادر لغاري مون سان ڳالهہ ڪئي تہ مولانا عبيدالله سنڌي مون کي چيو تہ جي ايم سيد ڏانهن وڃان ٿو مون سان گڏجي هل، عبدالمجيد سنڌي ۽ جي ايم سيد سان ڳالهائڻو آهي مون کي. اتي مولانا عبيدالله سنڌي چيو بنهي کي تہ مان اچي ڏاڙهي ميڙ ڪري آيو آهيان. توهان ڏي، مان سڄي دنيا گهميو آهيان، انگريز وڏا دوکيباز آهن. توهان نہ رهو مسلم ليگ ۾ نہ ڪانگريس ۾. سنڌين جي آزاد حڪومت سنڌ سنڌين لاءِ جي گهر ۾ ساٿ ڏيو. الله بخش سومرو ساٿ ڏي ٿو، مولوي اسماعيل لغاري ساٿ ڏي ٿو، مولانا صادق کڏي واري ساٿ ڏي ٿو. توهان بہ ساٿ ڏيو. بنهي ڄڻن جي ايم سيد ۽ عبدالمجيد سنڌي جواب ڏنو تہ مسلم ليگ ڪونہ ڇڏينداسين ۽ پاڪستان ناهينداسين. مولانا ڪين چيو تہ اهو جناح توهان سان سچو ڪونہ ٿيندو. جيڪو ملڪ توهان ناهيو ٿا ڏسجو وينا. جڏهن نهي ويندو تہ پهريان اوهان بنهي کي گرفتار ڪندا. ٿيو بہ ائين پاڪستان نهيو تہ پهرين اهي ٻئي گرفتار ڪري جيل موڪليا ويا. مطلب چوڻ جو اهو تہ مولانا عبيدالله سنڌي

گڏيل راءِ جڙي ان وسيلي سنڌ جي مسئلن جو حل ڪيون. گڏيل صلاح سان سنڌ جو مسئلو ڪنيو ويندو تہ ان ڪي حل بہ ڪري سگهون ٿا ۽ سنڌ تي هي جيڪو ڏکيو وقت آ. ان جو بهتر طريقي سان مقابلو ڪري ٿا سگهون. منهنجي صلاح اها آهي تہ سڀ دوست گڏجي ويهي ڪا گڏيل راءِ جوڙين.

**عبدالقادر رانٽو:** سمورن دوستن ڳالهيون ڪيون آهن. سنڌ تي ڇا وهي گذري رهيو آ. ان جا داستان بيان ڪيا آهن. مون جيڪو شعر پيش ڪيو. لطيف سائين بہ سنڌ جي ڇڻ تہ هن صورتحال جو نقشو پيش ڪيو. لطيف جهڙي ماڻهو کي اڳ ۾ ئي خبر هئي تہ سنڌ سان ڇا ٿيڻ وارو آ. هڪڙي پاسي بيشڪ اها صورتحال آ. پر ٻئي پاسي ٻي صورتحال آهي. ٻئي پاسي سنڌ دوست جيڪي ڏريون آهن، جن وٽ ڪو پاور ڪونهي، ڪا وزارت ڪونهي، ڪو پئسو ڪونهي. سڄائي ۽ سگهائي جي حالت ۾ هنن ڪڏهن بہ هٿ هٿ تي نہ رکيو آ. ڪڏهن بہ غافل نہ رهيا آهن. هو جاڳندا رهيا آهن ۽ سنڌي ماڻهن کي جاڳائيندا رهيا آهن. دوستن تمام سٺيون ڳالهيون ڪيون پر هڪڙي ٻن ڳالهين تي حيراني تي، دوستن اتحاد ۽ ٻڌي جي ائين ڳالهہ ڪئي ڄڻڪ اتحاد ۽ ٻڌي آهي ئي ڪونہ. سنڌي ڇڙوڇڙ ۽ منتشر آهن. ڪابہ مزاحمت ڪانهي، هاڻي ٻڌي ڪرڻ کپي، ان ڳالهہ سان مون کي سخت اختلاف آهي، ائين آهي ئي ڪونہ. آئون سمجهان ٿو سنڌ ۾ مثالي ٻڌي آهي. جتي حڪومتون هجن، سنڌ جا وڏيرا قارون جا خزانا کوليو ويٺا هجن، ايم ڪيو ايم قارون جا خزانا ۽ نوڪرين جا آرڊر کنيو ويٺي هجي ۽ وڏيرن کي اهو پاور مليل هجي، ماڻهن کي اهو پيغام ڏنو ويندو هجي، سڄيا سڪٿا غريب رڳو وڏيرن جي پنج مهينا چمچاگيري ڪن ۽ ڪروڙ پتي ٿي وڃن، اهو پيغام آ سنڌي ماڻهن کي تہ توهان سنڌ جي جدوجهد مان هٿ ڪڍي سنڌ جي بچاءَ جي جدوجهد مان هٿ ڪڍو. وڏيرن جي پنيان هلو توهان مالا مال ٿي وڃو. ان جي باوجود هزارين سنڌي منظم، متحرڪ، متحد آهن. جيلن ۾ وڃن پيا. ڇا اهو ٻڌي جو مثال ناهي تہ ڪابہ سنڌ جي دعوي ڪندڙ تنظيم ٿوري گهڻ وڏائي سان سمورن سنڌ جي اشوز تي جدوجهد ڪري پئي، ڇا اها مثالي ٻڌي ناهي. ايم ڪيو ايم جي شڪل ۾ ۽ ان جڏهن اسان جي ماڻهن تي حملا ڪيا. اسان کان شهر خالي

پوندي. اسان کي خبر نہ ٿي پئي اسان بلڪل جواني ڏانهن وڌون پيا. هي جيڪي جدوجهدون آهن، مظاهرا آهن، جلسا آهن، ڪانفرنسون آهن. سي اسان کي طاقت ڏين ٿيون. اسانجي ڪاز کي تقويت ڏين ٿيون. آئون ڊاڪٽر صاحب کي وري بہ مبارڪباد ٿو پيش ڪريان. سنڌ جي ڪاز م عوامي تحريڪ جيئن هن کان اڳ ڪڏهن بہ پوئتي پير نہ پاتو آ. تيئن ان کان پوءِ بہ پوئتي پير نہ پائيندي.

**منصور خاصخيلي:** هن ڪامياب ڪانفرنس تي سنڌ ترقي پسند پارٽي ۽ ڊاڪٽر قادر مگسي صاحب کي مبارڪون ٿو پيش ڪريان ان سان گڏ اها تجويز ٿو پيش ڪريان تہ هن سنڌ قومي ڪانفرنس مان اسان کي Chain of action ترتيب ڏيڻ کپي.

ذوالفقار هاليپوٽي، سائين لياقت عزيز، نذير ميمڻ صاحب جون ڏنل تجويزون ڪافي معقول آهن. آئون انهن جي تائيد ٿو ڪيان. سنڌ جي موجوده صورتحال 1843ع کان شروع ٿيندڙ قومي غلامي جو تسلسل آهي. 1843ع کان 2005ع تائين سنڌ جي مٿان غلامي جي جيڪا نياڳي رات آ، ان وچ ۾ جيڪي بہ دؤر آهن. ورهاڱي کان اڳ ۽ ورهاڱي کانپوءِ وارا، ان مان ورهاڱي کان پوءِ وارو دؤر سنڌ لاءِ بدترين قومي غلامي وارو ثابت ٿيو آهي. سنڌ جا سڀ وسيلا سياسي حق، ثقافتي ۽ معاشي حق ڦريا ويا آهن. 1935ع جي انڊيا ايڪٽ ۾ انگريز سامراج جي دؤر ۾ جيڪي سنڌ کي حق حاصل هئا پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ اهي حق بہ سنڌ کان کسيا ويا آهن. هي جيڪو 1973ع جو آئين ۽ ان کان پوءِ وارو آئين آ. اهو پنجاب جي حاڪميت جو آئين آ. اهو سنڌين بلوچن، پختونن ۽ سرائيڪين کان قومي حق کسي انهن مٿان پنجاب جي تسلط کي آئيني تحفظ ڏنو ويو آهي. اسان جيڪا بہ جدوجهد ڪيون. جيتري بہ ڪيون پر جيستائين اهي ڪات ۽ ڪهاڙا اسان مٿان لڙڪيل آهن. تيستائين ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيندو.

سنڌ ۾ بہ اتحاد موجود آهن. محڪوم قومن جو اتحاد پونم ۽ اينٽي گريٽر ٿل ڪئنال ۽ ڪالاباغ ڊيم اتحاد. پونم سنڌ جو صدر محترم ڊاڪٽر قادر مگسي آهي. اسان کيس گذارش ڪنداسين تہ انهن اتحادن کي

ويجهو آندو وجي ۽ انهن کان ٻاهر جيڪي سياسي ڌريون، اديب، دانشور وينا آهن، اهي گڏجي هڪڙو وڏو اتحاد گرينڊ الائيسن جوڙين ته جيئن سنڌ لاءِ ڪا واقعي مؤثر جدوجهد ٿي سگهي.

بلوچستان ۽ پختونخواهه جا جيڪي نمائندا قومي اسيمبلي ۾ وينا آهن، اهي بلوچستان ۽ پختونخواهه جي مسئلن کي اتي کڻن ٿا پر سنڌ جا جيڪي قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ نمائندا آهن اهي مجرماڻي خاموشي اختيار ڪيون وينا آهن، سنڌ جي مسئلن تي. جنهنڪري سنڌ جو آواز اتي ناهي پهتل. تنهن ڪري ڪانفرنس، سڄاڳي ۽ اتحادن جي به ضرورت آهي پر ان سان گڏ سنڌ جي ووٽ کي سنڌ جي مسئلن سان مشروط ڪرڻ جي به ضرورت آهي ته جيئن ڪو بي ايمان ۽ وڪائو ماڻهو اسيمبلين ۾ نه پهچي. جيڪڏهن ڪو گرينڊ الائينس نهي ٿو ته ان مان سنڌ کي فائدو ٿيندو ۽ جيئي سنڌ محاذ جيئن مون چيو ان جي حمايت ڪندو. اسان کي پنهنجي ڪاوڙ ۽ پنهنجي محبت سنڌ لاءِ طاقت ۾ تبديل ڪرڻ کپي، ان ۾ ئي سنڌ جي ڀلائي آهي.

**نذير ميمڻ:** جس آهي ڊاڪٽر قادر مگسي کي جنهن هن ڏکئي مرحلي تي سمورن ساٿين کي سڏي گڏيل راءِ جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي آ.

زندگي لاءِ زمين، پاڻي ۽ انسان ضروري آهي. انهن مان هڪ شئي ختم ٿي معنيٰ قوم جو وجود ختم ٿيو. مختصرن ٻڌائيندس ته زمين ڪيئن اسان جي هٿن مان نڪرندي ٿي وڃي. انگريز ته ويا هليا پر پاڪستان نهڻ ڪانپوءِ به اسان جي ڏيڍ پوڻا به ڪروڙ ايڪڙ زمين مان 15 لک ايڪڙ زمين فوجين کٽي ويا، 30 لک ايڪڙ زمين ٻاهريان جيڪي هتي آيا اهي کڻي ويا. 10 لک ايڪڙ زمين انهن کي ڏني ويئي، جن کي هيروز چون ٿا. عمران خان چڪو هنيو بمبئي ۾، 150 ايڪڙ زمين ڏنائونس سنڌ ۾. ان کان وڌيڪ زيادتي اجا ڪهڙي ٿيندي؟ اهڙي طرح سنڌي ماڻهن وٽ پوکي لائق زمين باقي وڃي رهي آهي 45 لک ايڪڙ، اها به ڪئين ٿا برباد ڪن. 15 لک ايڪڙ زمين پاڻي روڪي سمنڊ هٿان تباهه ڪرائي ڇڏي اٿن. فوجي ته کائي ويا پر سمنڊ به کائي ويو. ان کان علاوه 10 لک ايڪڙ زمين پاڻي جي شديد کوٽ سبب غير آباد ٿي وئي آهي.

حق خوداراديت ۽ حق حاڪميت اسان کان ڪسي ائين، پوءِ تہ هڻ سنڌ اسيمبلي ۾ ٿي پنهنجا وڏيڪ ميمبر چوندرائي چوندا تہ اسان جي اڪثريت آهي. انهي ڪري ٿي ڪوڪرا پار ڪلڻ جي مخالفت درست آهي.

ڊاڪٽر صاحب! هر سنڌي جي خواهش آهي تہ بڌي ڪيون. هڪ ٿيون. جڏهن آزادي لاءِ جدوجهد ڪبي آهي تہ سيني کي ساڻ ڪٽي هلڻو پوندو آهي. ابراهيم لنڪن وٽ پنهنجا ميمبر ويا، چيائونس تہ هي مائي اسان جو ساٿ نہ ٿي ڏئي، مخالفت ٿي ڪري She is bitch (هيءَ ڪتي آهي) پر ابراهيم لنڪن جواب ڏنو But she is our bitch (پر اها اسان جي ڪتي آهي). چا مائوزي تنگ چين ۾ چيانگ ڪائي شيڪ کي (جيڪو سچي چين جو دشمن هو) پاڻ سان آزادي جي جنگ ۾ گڏ ڪونہ ڪنيو هو؟. ڪنيو هو. تہ آزادي لاءِ سيني کي گڏ ڪٽي هلڻو پوندو.

اسان جا مالي وسيلا سپ ڪٽي ويا آهن. اسان سال ۾ 200 ارب رپين ڪان متي هنن کي ڪمائي ڏيون ٿا ۽ اسان کي موٽ ۾ 35 ارب بہ نہ ٿا ملن. حالت اها ٿي آهي جو ارباب رحيم ڇهہ دفعا قسطو ڪٽي اسلام آباد پنڻ ويو آهي تہ مون وٽ 40 هزار نوڪريون خالي پيون آهن. مون وٽ پگهارون ڪونهن مون کي ٿي ارب رپيا ساليانا ڏيو تہ آئون ماٺهو رکان. هڪ طرف اها حالت آهي تہ هو ڪلارڪ ۽ پٽيوالو بہ نتو رکي سگهي، جو پئسا ناهن. ٻئي طرف هر سال سنڌ جا بہ ٿي سئو ارب لٽجن ٿا. ان ڪان وڌيڪ بي ڪهڙي زيادتي ٿيندي. اسان وٽ سنڌ ۾ ايتري غربت وڌي ويئي آهي جو ورلڊ بئنڪ ٿي مهينا اڳ هنن کي لکيو آهي تہ سنڌ جي حالت انتهائي خراب آهي. جيڪڏهن سنڌ کي پئسا نہ ڏيندو ۽ چڱي طرح انهن جي سار سنڀال نہ لهندؤ تہ حالتون ايتريون خراب ٿينديون جو توهان جي اسان جي ڪنٽرول ۾ نہ رهنديون. آر بي او ڊي، ايل بي او ڊي سنڌ مان سم ڪلر ختم ڪرڻ ۽ گندو پاڻي سمنڊ تائين پهچائڻ بدران اسانجي زمينن کي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي ۽ ورلڊ بئنڪ وارن سان اسان جڏهن ڳالهيون ڪيون ۽ انگ اکر پيش ڪيا تہ انهن تسليم ڪيو. تہ ضروري آهي تہ انگ اکرن جي مشهوري ڪجي ۽ مختلف عالمي ادارن اقوام متحده، ورلڊ بئنڪ، هيومن رائيٽس، ايمنسٽي انٽرنيشنل وارن تائين سنڌ جو اهو ڪيس پهچائجي تہ پاڪستان کي سنڌ چا چا ڏنو ۽ پاڪستان سنڌ کي چا

رهيو آهي. (2) غيرجانبدار دانشورن جو هڪ قومي بورڊ ٺاهيو وڃي، جيڪو سياسي پارٽين جي سرگرمين کي مانيٽر ڪري. ان قومي بورڊ کي سڀ سياسي پارٽيون تسليم ڪن، ان بورڊ ۾ قابل احترام سائين محمد ابراهيم جويو، علي بابا ۽ ولي رام ولڀ جهڙا ماڻهو هجڻ کپن. (3) هي ڪانفرنس مطالبو ڪري ٿي ته گريٽر ٿل ڪئنال تي ڪم بند ڪيو وڃي. ڪالاباغ ڊيم منصوبو ختم ڪيو وڃي، سنڌ تي نسلي بالادستي ختم ڪئي وڃي ۽ سنڌ جا تاريخي حق بحال ڪيا وڃن. نه ته سنڌي حڪمرانن جي باري ۾ اها پاليسي ٺاهڻ جو مجاز هوندو ته اهي سنڌ جا محب وطن ڪونهن، اهي سنڌ جا غدار آهن.

**علي حسن چانڊيو:** منهنجي پارٽي جي چيئرمين محترم ڊاڪٽر قادر مگسي صاحب ڪافي تفصيل سان ڳالهايو آهي. ان کان علاوه مهمان دوست، دانشور ۽ سياسي پارٽين جا اڳواڻ تفصيلي ڳالهه رکي ويا آهن پر آئون هڪڙي شئي جي وضاحت ڪريان ته ايم ڪيو ايم جيڪا سڄي سنڌ جي حق حاڪميت تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪري ۽ هو ڪوڪرا پار جي ذريعي ڌارين جي آبادي اڪثريتي بڻائي ڪراچي ۾ سنڌ کي ورهائي جناح پور ٺاهڻ جي ڪوشش پئي ڪري. ان ڪراچي ۾ 11 سؤ جيڪي سنڌي ڳوٺ آهن، انهن 11 سؤ سنڌي ڳوٺن ۾ جيڪي شهر ۾ سنڌي ڳوٺ اچي ويا آهن، انهن کي پنهنجي سڄي حڪمراني واري عرصي ۾، جڏهن به حڪمراني ۾ رهي آهي، هڪ به بنيادي سهوليت سنڌي ماڻهن کي نه ملي آهي.

نمبر ٻيو گورنر هائوس ايم ڪيو ايم جي سازشن جو ڳڙهه بڻيل آهي ۽ اهو مسلسل نوٽيفڪيشن جي ذريعي سنڌين جي ڳوٺن کي بلڊوز ڪرڻ جي سازش ۾ رڌل آهي. آئون فخر ۽ بلڪل ذميواري سان چوان ٿو ته سنڌ ترقي پسند پارٽي گورنر ۽ ايم ڪيو ايم جي اهڙي سازش جو مقابلو ڪيو. سنڌي ڳوٺن جو بچاءُ ڪيو، جنهن ڪري سنڌي ڳوٺن تي بلڊوزر هلڻ بند ٿي ويا آهن، اها بنيادي وضاحت آ.

ان کان علاوه ڪراچي ۾ جيڪا به صنعت آهي، انهن ۾ سنڌي ماڻهن جي داخلا بلڪل بند آهي. مثلن انهن فيصلو ڪري ورتو آ ته گهڻ قومي ڪمپنين ۾ مقامي ماڻهو، جنهن جي معنيٰ آهي ڪراچي جا مهاجر

قبول نہ ڪئي ويئي ۽ ڪنهن بہ ان جي حمايت نہ ڪئي. ان جو نتيجو اسان سيني جي اڳيان آهي. اسان سيني پارٽين کي اها گذارش ڪنداسين تہ پارٽي کان هٽي ڪري پنهنجي پارٽين جي اندر بہ اهو پروگرام رکن تہ غريب جي حڪمراني لاءِ جدوجهد ڪرڻي آ ۽ غريب کي اسيمبلين تائين پهچائڻو آ. انهن 80 سيڪڙو غريبن ۽ 15 سيڪڙو وچولي طبقي ۾ ڊاڪٽر، انجنيئر، وڪيل ۽ دانشور موجود آهن. اهي اسيمبلين ۾ پهچي ويا تہ اسيمبلي ۾ مثبت انقلاب پيدا ڪري سگهندا. موجوده چوند سرشتي موجب اسان مان ڪوبہ اهڙو ناهي جو جاگيردار جي سامهون اليڪشن ۾ بيهي ۽ سيٽ کٽي سگهي. هي تہ صرف جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جو نظام حڪومت ۽ نظام انتخاب آهي، انهي کي مٽڻ جي لاءِ اسان نڪتا آهيون. اڄ بہ خاڪسار تحريڪ علامہ مشرقي جي فرزند حميدالدين مشرقي جي قيادت ۾ غريب جي حڪومت لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي. هاڻي غريبن کي حق حڪمراني کپي، انهن کي روٽي ڪپڙا جي ڳالهين ۾ الجهايو نہ وڃي، جيستائين غريبن کي حق حڪمراني نہ ملندي اوستائين هتي ڪو انصاف نہ ٿي سگهندو.

**ڪامريڊ جام ساقي:** ههڙي ڪانفرنس ڪرائڻ تي ڊاڪٽر صاحب کي مبارڪون هجن، سنڌي اقليت ۾ تبديل ٿيندا پيا وڃن. هر لمحي اسان کي نقصان پهچايو پيو وڃي. سنڌي ويچاري جو شناختي ڪارڊ ڪونہ پيو ٺهي، ڪارڊ ڪنهن جا پيا ٺهن، لکين بهارين، بنگالين، برمين ۽ بين ڌارين جا. پاڻي کان ويندي اين ايف سي ايوارڊ تائين ڌارين کي آباد ڪرڻ کان انهن کي شناختي ڪارڊ ڏيڻ ۽ نوڪرين تائين سنڌ ۽ سنڌين کي نقصان پهچايو پيو وڃي ۽ سنڌ ماڻهن کي پنهنجي ڌرتي تي اقليت ۾ آندو پيو وڃي. سياڻي چوندا تہ اسان اڪثريت ۾ آهيون. تنهن ڪري حڪمراني اسان جو حق آهي. ائين اسان سنڌين جو حق حاڪميت ڪسجي ويندو. انهي حوالي سان ايس اين اي طرز جو ڪو الائينس ٺهڻ کپي. حالتون جدوجهد لاءِ تيار آهن. ڪو اهڙو اتحاد ٺهيو تہ آئون پنهنجي طرفان ۽ پي پي طرفان يقين ٿو ڏياريان تہ گڏ هونداسين. جيئن وک اڳتي ٿيندي، گڏ هلنداسين، انشاءَ الله سنڌ انهن مصيبتن کان آجي ٿيندي.

ڪاري ۽ ٻيون جاگيرداري نظام جون مدي خارج رسمون آهن. انهن کان نجات لاءِ گڏيل جدوجهد ڪريو.

**احمد سولنگي**

ڏينهن ويڙهيل بادلن ۾ هو هتي،
پٽ پکڙيل شام جا پاڇا هئا.
اندلٺ جا رنگ هئا يا ابِر ڪي،
ڪنهن ٻڌا رنگين ڇڻ ڏاڳا هئا.
سچ صليبن جو لهي ويو هاڻ هت،
شهر جو سورج مکي ڪو ٿئي نٿو.
هو هيو پاڳل چڙهي ويو دار تي،
ڪير آهي ٻيو ڪو سر ڏئي نہ ٿو.
گگهہ اوندهہ سان اکيون ٻاهيون ٻڌي،
چنڊ کي اغوا ڪيو آهي ويو.
رات جو منحوس چهرن ڏي ڏسي،
ديس کي چنڊو ڇيو آهي ويو.
ديس تنهنجي دانهن مان ڪنهن کي ڏيان،
ڪنهن نہ مرندي آ پڪاريو ۽ سڏيو.
پنڌ ۾ ويو نانگ، سيني کي ڪکي،
ڪنهن مڙي، ڪنهن کي نہ آ پوريان ڏٺو.
درد جو دارون ڏئي هن ديس کي،
ڇڻ پسارين جا جهلي وينا دڪان.
خواب هر ڪنهن جي تري تي هو رکي،
ويا اڏيندا سون چاندي جا مڪان.
ڪوڙ جو ٿئي ڏن ڪتيائون ڏوڙ مان،
سچ جا ساکي نہ هئا پرور نہ هئا.
ديس جون ڇتيون اديڙي ويا ڪٽي،
ڇڻ اگهاڙا چور ها رهبر نہ هئا.

تقريرون ڀڏندڙن کي ٻـ ان ۾ شامل ڪيو ويو.

ڊاڪٽر قادر مگسي صاحب ۽ اسٽيج تي ويٺل اڳواڻو! سنڌ جنهن ٻـ صورتحال ۾ هن وقت ڦاٿل آهي، ا نجو اندازو هر سنڌي کي آهي، سنڌ جي هر سياسي پارٽي کي آهي، تـ سڄي سنڌ تباهه ۽ برباد ٿيندي پئي وڃي. سنڌ جون سماجي پارٽيون ۽ اين جي اوز خاموش تماشائي بڻيل آهن. پيپلز پارٽي کي سنڌ جي ماڻهن ووٽ ڏنا. ويساهه ڏنو ته پيرا اقتدار تي پهچايو اڄ ٻـ جيئي جيئي جا نعرا ٿا هڻن ماڻهو ان لاءِ پر انهن ڇا ڏنو سنڌ کي ۽ ڇا ڪيو سنڌي ماڻهو لاءِ ان جو احتساب ڇو نـ ٿو ٿئي؟ سنڌ جون سياسي ڌريون ڇو نـ ٿيون گڏ ٿين. ان جو حساب ٿيڻ کپي. سنڌ جا سمورا ادارا تباهه پيا ٿين. ڪهڙو ادارو آهي، جنهن تي اوهان فخر ڪري سگهو. انهن جي اصلاح ٿيڻ گهرجي.

جناب ڊاڪٽر قادر مگسي صاحب انهن پارٽين تي بندش وجهو. جن جي پويان 50 ماڻهو بـ ناهن. انهن کي اتحادن ۾ نمائندگي نـ ملڻ گهرجي ۽ نـ انهن کي پروٽوڪول ڪيو وڃي. هڪ طرف سنڌ جي اتحاد جي ڳالهه ٿي ٿئي ۽ ٻئي طرف اهڙين پارٽين کي نمائندگي ٿي ملي، جن کي ماڻهو ڪنگهڻ لاءِ تيار ناهي، توهان پهريان انهن تي نظر رکو ۽ سنڌ جي تباهه ٿيندڙ ادارن تي نظر رکو پوءِ اوهان ماڻهن کي سڏ ڏيو ماڻهو اوهان سان گڏ آهن. جيڪي اڳواڻ ۽ ڪامورا سنڌ خلاف ڪم ڪن ٿا، انهن جو احتساب ٿيڻ کپي.

**زيب نظاماڻي:** مرشد لطيف جو شعر آهي تـ

ڌريان ئي ڌاريا، مٺ مٺي جا نـ ٿيا،
منڊي ڏيرن من ۾ آئون ڪليو ڪيڪاريان.

اسان جيڪي قديم سنڌي آهيون. ان جي رڳ رڳ ۾ اها ڳالهه آهي تـ اسان هر ماڻهو کي اهو موقعو ڏيندا آهيون تـ من سنڌي تي پئي پر جڏهن هو سنڌي نٿو ٿئي تـ پهريان ويري اسان ان جا هوندا آهيون. پٺائي جي ان ٻن سٽن ۾ سڄي ڳالهه سمجهه ۾ اچي ٿي، وڃي پنهنجو پنهنجو هوندو آهي، ڌاريو ڌاريو هوندو آهي. ڌاريو ڪڏهن بـ پنهنجو ناهي ٿيندو. هن قومي ڪانفرنس جي حوالي سان وضاحت ڪندي هلان تـ هن قومي ڪاج کي آئون پنهنجو ڪاج سمجهي آئي آهيان. ان ڪانپوءِ هن پنهنجو نظم ٻڌايو.

## سنڌ جي ڪهاڻي

ٻڌو سنڌ وارا، سنڌوءَ جي ڪهاڻي،
نہ سنڌو ۾ پاڻي نہ ٻيلا مياڻي.

ڳوٺن جا وارث وڏيرا لٽيرا،
۽ شهرن تي دهشتگردن جا گهيرا،
ڪرسين تي ڪانئر وڪاڻل ڪامورا،
ضلعا سڀ ورهائي ڪيئون پورا پورا،
مڙهين ٿا سا ٻولي جو ڏئي ويا گورا،
وڏي آهي وردي نئين ڪاتہ گهاڻي.
ٻڌو سنڌ وارا سنڌوءَ جي ڪهاڻي.

**انتظار ڇلگري:** حقيقت ۾ ڊاڪٽر صاحب پنهنجي افتتاحي خطاب ۾ جيڪي ڳالهيون پيش ڪيون ۽ ڪيس بيهاريو آهي، ان جي روشني ۾ وڏيڪ تجويزون ڏيڻ لاءِ جن دوستن کي ڪوٺايو ويو آهي، انهي ۾ اسان جي هڪ دوست لياقتً عزيز صاحب جيڪي تجويزون ڏنيون آهن، ان سان سهمت ٿيندي هڪڙي گذارش ڪندس تہ اسان قومي ڪارڪن ضرور آهيون ۽ سياست سان فڪري ۽ عملي لاڳاپو بہ رهيو آهي پر سياسي ايجنڊا اسان سياسي قيادت جي حوالي ڪريون ٿا. ان تي دل کولي ڳالهائين ۽ تجويزون پيش ڪن. هت هڪ ڳالهہ ضرور چوندس تہ جڏهن هتي ويٺا آهيون، ان جو عملي مشاهدو ۽ تجربو بہ ڪنداسين تہ جيڪا تقرير ڊاڪٽر صاحب ڪئي آهي، هر سياسي پارٽي جو اڳواڻ بدليل لفظن ۾ ساڳي مفهوم واري تقرير بہ ضرور ڪندو تہ جڏهن هنن جي خيالن ۽ فڪرن ۾ ايڏي هڪجهڙائي آهي تہ پوءِ سياسي طور تي اِهو سوال ابري ٿو تہ سنڌ جي اندر هڪ متحده، هڪ اجتماعي فورم ۽ اتحاد ڇو نہ ٺهڻ ڪپي؟. جڏهن سنڌ جي موجوده صورتحال کي فلسطين جي پس منظر ۾ ڏسون ۽ ان سان ڀيٽيون ٿا تہ ان صورت ۾ هتي پي ايل او جهڙو اتحاد ٺهڻ گهرجي. هن اجوڪي قومي

ڪانفرنس جو اهو بنيادي ۽ وڏي ڪان وڏو مطالبو هئڻ گهرجي. اهڙو اتحاد جيڪڏهن نهي ٿو وجي ته باقي مسئلن جو حل انهي ۾ آهي.

ان ڪان وڏيڪ بدنصيبي جي ڳالهه ڪهڙي ٿيندي ته سنڌ جي ڪلچر جو وزير اهڙو آهي، جنهن کي سنڌي ڪلچر جي به ڄاڻ ناهي، تعليم سان واسطو رکان ٿو. سنڌ اسيمبلي مان هي بل ته منظور ڪيو ويو آهي ته سنڌ جي سيني سرڪاري ۽ خانگي اسڪولن ۾ سنڌي لازمي سبجيڪٽ طور پڙهائي وجي پر ان تي عمل نٿو ٿئي. اسان محسوس ڪيون ٿا ته سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ثقافت سان وڏي هٿ چراند ٿئي پئي. (1) ان ڪري هن ڪانفرنس ۾ انهن اشوز تي هڪ الڳ متحده فورم ناهڻ کپي. (2) گڏيل قومي ادارو ناهڻ گهرجي. (3) ڪانفرنس جي نتيجن کي گڏ ڪري جيڪو به پڌرنامو جاري ٿئي، ان تي عمل ڪيو وجي، فالو اپ ڪري مادي نتيجا حاصل ڪيا وجن.

**ايس لال آهوجا:** مان ڊاڪٽر قادر مگسي صاحب ۽ ٻين دوستن کي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو ته انهن مختلف طبقن ۽ سياسي ڌرين کي هن قومي ڪانفرنس وسيلي اتحاد پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سڀ کان وڏيڪ ضرورت ان ڳالهه جي آهي، جيڪا 50 سالن کان هڪ رخي جدوجهد هلي آ ۽ جنهن مان نتيجا ناهن مليا، ان کي تبديل ڪيو وجي، پنجاب، اسٽيبلشمينٽ جي مدد سان اسان جا حق غصب ڪندو رهي ٿو. اسان جي وسيلن تي ڌاڙو هڻي ٿو. اسان جي سنڌي سياستدانن کي کپي ته نيون حڪمت عمليون، نئون Mechenismمرتب ڪن. جيڪي سنڌي سياستدان ۽ ڪامورا سنڌ جي قومي مفادن تي سودو ڪري رهيا آهن، انهن لاءِ ڪو لائحہ عمل جوڙيو وجي.

**فقير داد کوسو:** سنڌ جا سمورا سڄاڻ ماڻهو سمجهن ٿا ته هن کان وڏيڪ سنڌ تي ڏکيو وقت ڪڏهن به ناهي آيو. سنڌي ماڻهو اقليت ۾ تبديل ٿيندو وڃي ۽ ڌاريا ماڻهو سنڌ تي قابض ٿيندا وڃن. اهڙي دور ۾ انهن سڄاڻ ماڻهن

ڪامورا آهن، سيڪريٽري آهن. اڄ انهن وٽ وڃو ته اٿي هٿ به نه ڏيندا، پر انهن سنڌي ڪامورن جي جڏهن ڪرسي ٿي وڃي ته پوءِ رڙيون ڪندا ته ادا ڪاٿي ويا مهاجر. وڏو ظلم آهي، ادا ڇا ڪيون سيٽ هلي وئي. سيٽ اوهان جي ڇو وئي؟ جڏهن ڪروڙين رپيا رشوت جا ڪاڏو پئي، تڏهن توهان کي سنڌ ڇو ياد ڪانه آئي؟ ڪڏهن پنجين رپين جي سنڌ اخبار ورتي اوهان. ڪڏهن ڪو اوهان سنڌي رسالو ورتو. اوهان جڏهن پئسا ڪمايو ٿا ته اهو اوهان کي قومي ڪارڪنن ۽ ڪاز تي به خرچ ڪرڻ کپي. جي نٿا ڪريو ته پوءِ ڪمايو ڇو ٿا؟ جڏهن اوهان تڪليف ۾ اچو ٿا ته پوءِ اوهان کي سنڌ ۽ سنڌيْ ماڻهو ياد ٿا اچن. ائين ڇو آ؟! بيو ته سماجي ڪم نه ڪنداسين ته ماڻهن ۾ پذيرائي نه ٿيندي. ٿيون ته هتي جنهن کي چار ماڻهو به ناهن اهو صدر آ، جنرل سيڪريٽري آ پارٽي جو. اها وڏي مصيبت آ. ان مان جند ڇڏائڻ گهرجي.

پاور آ اسلام آباد وٽ ۽ اسلام آباد سنڌي ماڻهن کي ڪڏهن به پاور نه ڏيندو. هو پاور اهو ڏيندو جيڪو سندن ڪنٽرول ۾ هجي. هنن پِٽي صاحب جي ماڻهو کي ڦاهي چاڙهي ڇڏيو. هو نه چاهيندا ته سنڌي ماڻهن جي اٿارٽي هجي. سنڌي ماڻهن جي اٿارٽي تڏهن قائم ٿيندي، جڏهن سڀ سنڌي ڌريون هڪ ٿينديون. هڪ آواز تي حق گهرنديون ۽ گڏجي نعرو هڻنديون، "جيئي سنڌ" ته اسلام آباد وارا ڏڪي ويندا. پوءِ ڏسو ته سنڌي ماڻهن کي ڪيئن نه ٿا حق ملن. اڄ اسان سنڌي ماڻهن سان ناانصافيون ۽ ڏاڍايون ان ڪري به آهن ته اسان ننڍن ننڍن گروپن ۾ ورهايل آهيون. پاڻ ۾ ايڪو ڪونهي. تنهن ڪري پاڻ ۾ ايڪو پيدا ڪرڻو پوندو. سڀني جي عزت ڪرڻي پوندي ۽ انهن کي ساڻ کڻي هلڻو پوندو. اسان سنڌ جي حقن لاءِ 68ع کان وٺي جيل ڏٺا آهن. اڄ به قومي ڪاز تي گڏ آهيون، ڦريا ناهيون. ڊاڪٽر صاحب جي مهرباني جو ياد ڪيو اٿن. جڏهن به سڏائيندا، اسان اوهان سان گڏ هونداسين.

**راجا خليق الزمان انصاري:** سنڌ هن وقت تاريخ جي انتهائي ڏکئي دور مان گذري رهي آهي. آئون ڊاڪٽر قادر مگسي صاحب کي مبارڪ ٿو ڏيان، جنهن ههڙي نازڪ دؤر ۾ قومي ڪانفرنس سڏائي سنڌ جي سمورين ساڃاهه وند ڌرين کي گڏ ڪيو آ. هي ڪا مذاق جي ڳالهه ناهي. 50 سالن ۾ جيڪي ڌريون گڏ

ويهي نہ سگھيون. اهي پرويز مشرف جي دور ۾ هتي گڏ ويٺيون آهن. اسان کي پنهنجي دشمن کي سڃاڻڻو پوندو ۽ اهو آهي دؤر حاضر جو يزيد جنرل پرويز مشرف. جنهن سنڌ جو پاڻي بہ بند ڪيو آهي ۽ زبانن تي تالا بہ هنيا اٿائين.
سنڌ جو ۽ سنڌي ماڻهن جو مقابلو ڪري سگهندا هي جي ايچ ڪيو وارا؟ هي انڊيا جي بارڊر تي وڃڻ کان گهبرائين ٿا. هي هڪ هڪ جوڙي ۽ جوان جو ڪيئن ٿا مقابلو ڪري سگهن؟ هي سوال ئي پيدا ناهي. سنڌ جو ٻچو ٻچو هنن جي خلاف ٿي بيهندو. تہ هنن ۾ مقابلي جو دم ئي ناهي. شرط هڪڙو آهي تہ ايمان تازو ڪرڻو آ. پاڻ ۾ ٻڌي پيدا ڪرڻي آ. جڏهن متحد ٿي ميدان تي ايندا سين تہ پرويز مشرف تہ ڇا پر ان کان بہ وڏو سنڌ کي ٽوڙي نٿو سگهي. سيني سنڌ سڄڻن کي ٻڌي پيدا ڪرڻي آ. پوءِ ڪير غاصب سنڌ جا حق ڦٻائي نہ سگهندو.

**احساس ميرل سهتو** نظم ٻڌائي

**"هي سنڌ منهنجي جان آ"**

هي سنڌ منهنجي جان آ، هي سنڌ منهنجي جان آ،
اچو تہ گڏجي دوستو! وچن هي پاڻ ڪري ڇڏيون،
جو سنڌ سان ڪري ظلم، تنهن کي ڪري پري ڇڏيون،
جو سنڌ تي آگر کڻي، اها آگر ڪٽي ڇڏيون،
جو سنڌ کي سڪائي ٿو ۽ ڪرسين جي زور تي،
حقن تي پير پائي ٿو،
اهو تہ آهي بي خبر تہ سنڌ سنڌين جو گهر،
ازل کان آ هتي رهي، انهي کي ناهي ڪا خبر،
اجا تہ هو اڻڄاڻ آ، هي سنڌ منهنجي جان آ.

**انور ڪوسو:** سنڌ جي موجوده حالتن ۾ عملي وک جي ضرورت آهي هي قومي ڪانفرنس ان جو بنياد بڻجي، جنهن ۾ سمورين سياسي ڌرين ۽ مختلف فڪر رکندڙ ماڻهن کي گڏ ويهاريو ويو آهي. ان لاءِ سنڌ ترقي پسند پارٽي وارا جس لهڻن. هن ڪانفرنس مان سنڌ جي حقن لاءِ گڏيل جدوجهد جو اعلان ٿيڻ کپي. سنڌي ماڻهو اوهان سان گڏ هوندو.

ان بعد **منو مهيري** ابراهيم منشي جو نظم ترنم ۾ ٻڌايو.

ڀلاري ڀونءِ جي مٿان ته ڀاڳين ڀنبٽ ڀيا ڀڙڪن، ڀلا ڀتائي،
مرن ڀيا مارو ڪسن ڀيا ڪونڌر، ڦهر ڀيا ڪڙڪن، ڀلا ڀتائي.

اميدون آخر ويون ٿي آسون، اسان ٿي قرجون اسان ٿي قاسون،
اسان جا ليڊر اسيمبلين لئہ، هزارين باسيو اچن ٿا باسون،
اندر ۽ ٻاهر ڪچن تہ ڪافر، ونيو وزارت ڏين اوپاسيون،
هتي تہ باغي هتي تہ ڏوهي،سچا ڀيا سڌجن، ڀلا ڀتائي

**ڊاڪٽر دليپ ڪمار دولتاڻي:** هي قومي ڪانفرنس هنن حالتن ۾ تمام اهم قدم آهي، مختصر تجويزون هي آهن تہ ميرپور خاص ڊويزن ۾ هندو برادري اڪثريت ۾ آهي ۽ انهن کي ايم ڪيو ايم ۽ سرڪاري لڏو ڏنا ڀيو ڏئي تہ کوکرا پار سرحد کلڻ سان وڏي ترقي ٿيندي ۽ انهن کي فائدو ٿيندو. تنهن ڪري سنڌ جون سڄڻ ڌريون ان طرف تمام گهڻو ڌيان ڏين. ٻيو تہ سمورين ڌرين کي اتحاد لاءِ دعوت ڏيڻ گهرجي، ٽيون هندو برادري سنڌ جي بزنس ڪميونٽي آهي. جنهن ڪري انهن جي وڏي اهميت آهي پر اها سنڌ جي قومي ڪاز ۽ هلچل کان ڪٽيل آهي، انهن کي هلچل سان ڳنڍڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ گهرجن.

**ذوالفقار هاليپوٽو:** هڪڙي مغربي ڏاهي چيو آهي تہ اقتصاديات ۽ اسٽاڪ ايڪسچينج وانگر قومن تي بہ ٻاڙائي ايندي آهي، جڏهن قومن تي ٻاڙائي ايندي آهي تہ ان جو پهريون شڪار Ideology (فڪر) ٿيندو آهي، پوءِ شڪار ٿيندو ويندو آهي، قومن جو Vision (ڏاهپ)، سياسي قيادت پوءِ اهو سڄو منتقل ٿيندو آهي هيٺ تائين. سماجي برائيون، اقربا پروري، ڪرپشن، سماجي زوال وغيره. جيڪڏهن سنڌي قوم کي انهي ٻاڙائي جي پس منظر ۾ ڏسجي تہ ڊاڪٽر صاحب ان تي ڏاڍو تفصيل سان ڳالهايو آهي، آئون وڌيڪ ان ۾ وڃڻ نٿو چاهيان. آئون عرض اهو ڪرڻ ٿو چاهيان تہ سنڌي قومپرستي تي جيڪا ٻاڙائي آئي آهي، ان جا تلهي ليکي ٿي چار سبب آهن، هڪڙو هي تہ سنڌ جي جيڪا قومپرست تحريڪ هئي، ان جو Direction (رخ) رڳو سياست هئي، ان ۾ سائنس، ترقي، معيشت، ۽ جنس (Gender) جو پس منظر شامل نہ

هو، پيو جيڪو الميو رهيو، جنهن تي هاڻ بحث ٿيڻ ڪپي ته چونڊن واري عمل Electoral Process ڪي يڪسر رد ڪيو ويو، جيڪو هڪ وڏو Failure (ناڪامي) هو. ٿيون مونجهارو Preception (تصور) جو آهي ته سنڌ کي اسان ڪيئن ٿا ڏسون ۽ سنڌ کان ٻاهر ويٺل دنيا ڪيئن ٿي ڏسي، ان Precep-tion کي 50 سالن ۾ سنجيدگي سان Address (سلجهايو) نه ڪيو ويو. اهي بنيادي ناڪاميون آهن، جن تي سنجيدگي سان بحث ٿيڻ گهرجي. اهوڏاهوڇٽي ٿو ته جڏهن ٻاڙائي حد کان وڌي وينديون آهي، تڏهن قوم لفاظين ۾ ڦاسندي آهي، پوءِ رڳو نعرا ۽ تقريرون هونديون آهن، پنهنجي وت کان ٻاهر جون خبرون هونديون آهن، جيڪو اسٽيج تان ڳالهائيندا آهيون، ان جي خبر ناهي هوندي ته ان جوتوڙ ڪيڏانهن ۽ ڪٿي دنگ ڪندو، پاڻو هليو ويو نه ته ڪيس ٻڌايان ها ته سنڌ جي هيڏي وڏي بحران کي اوهان پنج منٽ جي تقري ۾ مزي سان حل ڪري نڪري هليا ويا، اهو ايترو آسان ناهي، سنڌ جا اشوز ڳتيل آهن، سنڌ جو قبلو جيڪو طئه ٿيڻ وجي پيو ان ۾ اوهان جوايترو رول نه هجي جو تقرير ڪري هليا وڃو، چار پنج نقطن تي سنڌ ۾ هاڻي بحث ٿيڻ گهرجي، هڪڙو سنڌين کي خاص ڪري قومپرستن کي اهو سمجهڻو پوندو ته طاقت جي سياست Power Politics آهي ڇا؟ جيڪڏهن اها سياست نه به ڪيو ٿا تڏهن به ان جي ڊانچي Structure جا Dynamics سمجهڻا پوندا، پيو آزادي جي مفهوم کي سمجهڻو پوندو. دنيا ۾ آزادي، حق خوداراديت جا طريقا تبديل ٿي ويا، سنڌ جي قومپرستن کي قومپرستي ۽ آزادي، جمهوريت ۽ پاور پاليٽڪس جي مفهومن کي سمجهڻو پوندو. ٿيون جيڪا قومي حقن جي تحريڪ هلي پئي تمام سنجيدگي سان ٿوري مدت وارا اتحادي ۽ ڊگهي مدت وارا اتحادي ان لاءِ طئه ڪرڻا پوندا. پيپلز پارٽي، مسلم ليگ (ن) ۽ ايم ايم اي Power Politics جو حصو آهن، هڪڙي حد تائين توهان سان هلندا. ان کانپوءِ جڏهن اقتدار جي غلام گردشن ۾ هليا ويا ته انهن جون اوليتون تبديل ٿي وينديون، جڏهن ائين ٿيندو ته ڇا !ان وقت وري سنڌ جي قومپرست تحريڪ ڪي زيرو پوائنٽ تي ڪٿي اچبو؟ نه، ان لاءِ طئه ڪرڻو پوندو ته هيستائين هلبو ۽ ان کان پوءِ اسان جو رخ هي هوندو. جيڪو به فورم نهي، اهو ان کي طئه ڪري. چار نقطا هن فورم تان مطالبي طور وجن، هڪ ته سنڌ ۽ بلوچستان جي ڪيس کي ڪشمير ڪيس سان پيٽ ڏئي عالمي سطح تي ڪڻو پوندو. دليلن ۽ سائنسي انداز سان عالمي فورمن تي اهو سمجهائڻو پوندو ته جيڪڏهن ڪشمير تڪرار

ڪنهن چونڪ تي، ڪنهن نہ ڪنهن سنڌي ماڻهوءَ جي دروازي تي ٻاڏائيندي ڏسندؤ. جهولي ڦهلائيندي سنڌي ماڻهن کي هن قومي تحريڪ ۾ شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. ڊاڪٽر قادر مگسي هاڻي توهان کي سنڌيءَ ماڻهن جي گهرن جا در کڙڪائيندي نظر ايندو.

منهنجا پيارا دوستو! اڄ هن قومي ڪانفرنس کي ڪامياب ڪرڻ لئہ جهڙي طريقي سان سچو ڏينهن هن ڪانفرنس جي ڪارروائي هلائي ويئي آهي ۽ ان کي غور فڪر سان ٻڌو ويو آهي، هن ڪانفرنس کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ جن جن بہ دوستن جا مشورا سامهون آيا آهن، انهن مشورن جي روشني ۾ آئون چند گذارشون ڪرڻ چاهيان ٿو. مثال طور هڪڙي متفق راءِ سنڌي ماڻهن جي جڙي آهي تہ سنڌ جي باضمير ماڻهن جو هڪڙو قومي ادارو جوڙيو وڃي، جنهن ۾ سنڌ جا اديب، دانشور، شاعر، سماجي سائنس جا ڄاڻو، عورتن، هارين، شاگردن ۽ مزدورن جي تنظيمن جا ۽ سنڌ جي سياسي قومي قيادت جا نمائندا موجود هجن. جيڪي وقت بہ وقت پاڻ ۾ ملندا رهن ۽ انهن کي سنڌ جي ڏاهپ جيَ مدد ملي. جن کي سڄي سنڌ مان پاڻي پئسو گڏ ڪري ان قومي تحريڪ کي مالي امداد ڪجي، انهن کي فني، علمي ۽ شعوري تربيت مهيا ڪجي، جيئن اهو فورم سڄي سنڌ جي درست ۽ وقتائتي رهنمائي ڪري سگهي ۽ هر سياسي ڌر پنهنجي پنهنجي محاذ تان پنهنجي قوم لاءِ بنيادي قومي ڪردار ادا ڪري. آئون اسٽيج تي وينل دوستن ۽ سامهون وينل سمورن سڄڻن کان ان ڳالهہ جي منظوري ونان تہ اسان سنڌ جو قومي فورم ناهڻ لاءِ ابتدائي مشورا ونؤن. توهان سنڌي ماڻهن جي ڪانفرنس جي ان راءِ سان متفق آهيو تہ فورم لاءِ نالا تجويز ڪيا وڃن. (ان موقعي تي ڪانفرنس هال ۾ وينل هٿ اڀا ڪري تائيد ڪن ٿا.)

ڀهريان اديبن، دانشورن، شاعرن ۽ قلمڪارن جي لڏي مان نالا تجويز ڪيا وڃن تہ ڪهڙا دوست ڪهڙن دوستن جا نالا تجويز ڪيو ٿا. هن وقت نالا تجويز ڪيا ويندا تہ انهن جو اعلان ڪيو ويندو ۽ جي پوءِ لکت ۾ نالا ڏنا ويندا تہ وري اسان ڪنهن ٻي گڏجاڻي ۾ انهن جا تفصيل

ناهينداسين. اڄ هن ڪانفرنس ۾ اهو طئه ٿي چڪو ته سنڌ لاءِ هڪ قومي ادارو جوڙڻ گهرجي، جيڪو قومي تحريڪ بابت فيصلا ڪندو ۽ رهنمائي مهيا ڪندو. هن هائوس مان ڪنهن شاعر، اديب، دانشور جا نالا تجويز ڪرڻ چاهيو ٿا ته اسان اهي نالا لکي انهن دوستن سان رابطا ڪري کين ٻڌائينداسين ته سنڌ جي قومي ڪانفرنس اوهان تي اعتماد ڪيو آهي ۽ توهان اچو هن قومي قافلي ۾ شريڪ ٿي پنهنجو قومي ڪردار ادا ڪريو. (ان موقعي تي هال مان مختلف ساٿاهه وند، مختلف اديبن، دانشورن، ٽيڪنوڪريٽس جا نالا تجويز ڪن ٿا، جن کي ڊاڪٽر صاحب نوٽ ڪندو رهي ٿو، بعد ۾ اهي نالا هال اڳيان پيش ڪري ٿو.)

محمد ابراهيم جويو صاحب، نظير ميمڻ صاحب، ذوالفقار هاليپوٽو صاحب، انعام شيخ صاحب، قاضي جاويد، در محمد پٺاڻ، اعجاز منگي، لياقت عزيز سولنگي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، جي اين مغل، عنايت بلوچ، علي بابا، قمر شهباز، امر سنڌو، نورالهدا شاهه، اديب انقلابي، ناز سنائي، عطا محمد ڀنڀرو، انتظار ڇلگري، تقريبن ادبي حلقن جا نالا ٿي ويا آهن، اسين توهان کي يقين ڏياريون ٿا ته دوستن ساٿين سان ڪچهريون، رهاڻيون ڪري اسان هنن سمورن دوستن جي مشورن سان ڪا هڪڙي ڪميٽي ناهينداسين، جيڪا اڳتي هلي هن محاذ تي عمل ڪندي. سياسي پارٽين جا اڳواڻ جيڪي هتي موجود آهن، ڪا سياسي پارٽي هن قومي قافلي ۾ گڏجي هلڻ چاهي ته اها پنهنجي نمائندي جو نالو تجويز ڪري ته انهن جا نالا لکيا ويندا. (ان مرحلي تي اسٽيج تي وينل اڳواڻ ڊاڪٽر صاحب کي راءِ ڏين ٿا ته اهي پنهنجي ادارن جي مشوري سان نالا تجويز ڪندا.) انهن جو چوڻ اهي ته اهي پنهنجين پارٽين سان صلاح ڪري بعد ۾ نمائندن جا نالا ڏيندا.

ٻي راءِ اها آئي آهي ته ان فورم جي ذريعي سنڌ جي ماڻهن تي مشتمل هڪڙي عوامي اسيمبلي سڏائي وڃي. ڇو جو سنڌ جي صوبائي اسيمبلي ڌارين پرمارن ۽ سنڌ جي قومي غدارن جي قبضي ۽ يلغار هيٺ آهي. فوجي جنتا جي قبضي هيٺ آهي، ان ڪري سنڌ جي اڪثريتي عوام جي نمائندگي جي حيثيت صوبائي اسيمبلي جي ختم ٿي ويئي

# (ا) پڌرنامو

سنڌ هن وقت انتهائي ڏکئي دور مان گذري رهي آهي، جڏهن ته پاڪستان جي معيشت جو دارومدار سنڌ جي قدرتي وسيلن مان پيدا ٿيندڙ دولت ڪان ونيٰ مختلف ٽيڪسن جي مد ۾ جمع ٿيندڙ پئسي تي آهي. پاڪستان جي ڪل معيشت جو 70 سيڪڙو سنڌ ادا ڪري ٿي. پاڪستان جي تعمير ترقي هجي يا فوجي طاقت لاءِ هٿيار بارود، اهو سڀ ڪجهه سنڌ جي دولت جي لٽ ڦر مان ئي ممڪن ٿي سگهيو آهي. سنڌ نه رڳو پاڪستان جي خالق آهي پر 58 سالن کان سڄي پاڪستان کي پاليندي به رهي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ تي وڏيڪ قبضو قائم رکڻ ۽ اقتصادي استحصال جاري رکڻ لاءِ سنڌي سماج کي انتشار جو شڪار بڻايو ويو آهي. مالي وسيلن جي پنجاب منتقلي ۽ موٽ ۾ لکين بيروزگار ۽ جرائم پيشه ماڻهن جون فوجون سنڌ ۾ موڪلي سنڌين کي پنهنجي وطن ۾اقليت ۾ تبديلي ڪري سڄي سنڌ کي هڙپ ڪرڻ جي ڪوشش ٿيندي رهي آهي. سنڌ جي اسيمبلي ۾غير سنڌي ميمبرن کي داخل ڪري ايوان جو تقدس پائمال ڪيو ويو آهي، جنهن ڪري اهو ايوان سنڌ جي حقن جو نمائندا ايوان بڻجڻ بجاءِ سنڌن جي وجود خلاف هٿيار طور استعمال ٿي رهيو آهي، جنهن ايوان ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائڻ تي بندش جهڙي حالت هجي، اهو ايوان سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ تمدن جو محافظ ڪيئن بڻجي سگهي ٿو؟!.

اسلام آباد جي سرڪار پنهنجي ڇاڙتن جاگيردارن ۽ نسل پرست دهشتگرد تنظيم ايم ڪيو ايم ذريعي سنڌين جي جيئڻ جا سڀ رستا بند ڪري سنڌين کان پنهنجي وطن جو اختيار کسڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. سنڌ جي حاڪميت سڌي طرح ڌارين حوالي آهي. سنڌ جي ڪابينا ۾ 60 سيڪڙو وزير غير سنڌي ۽ 40 سيڪڙو سنڌي آهن. نالي ماتر هڪ پر مترڻيو سنڌي وزيراعليٰ سنڌ تي مڙهيو ويو آهي، جنهن جا ڪم راجا پورس جي هاٿين جهڙا آهن. جيڪو ڏينهن رات سنڌ دشمن قوتن جي ايجنڊائن لاءِ ڪم ڪرڻ ۾ مصروف آهي. ايم ڪيو ايم جهڙي طرح پرويز مشرف جي حڪومت جي ڏِڍ تي سنڌ خلاف حملي آور ٿي آهي، ان جو بدترين مثال سنڌ جي تاريخ ۾ نٿو ملي. سنڌي ماڻهن کي پنهنجي وطن تي سازشن ذريعي بي اختيار بڻائي، بي وطن ڪرڻ جي جيڪا هلان

ڪئي وئي آهي، ان مان 1918ع جي بل فور ڊڪلريشن جي بوءِ اچي رهي آهي، جنهن جي ڪري 1948ع ۾ فلسطين جي مادر وطن کي عرب ۽ يهودي بنيادن تي تقسيم ڪري سڄي وچ اوڀر کي نفرت ۽ جنگ جي باهه ۾ ساڙيو ويو. ساڳئي طرح ايم ڪيو ايم گورنر هائوس ۾ ويهي سنڌ جون وزارتون ماڻي سنڌ مادر وطن جي نسلي بنيادن تي تقسيم لاءِ جنهن طريقي سان ضلعن، تعلقن ۽ يونين ڪائونسل جي سطح تي عمل پيرا آهي، اهو عمل اڄ سڄي سنڌ جي لاءِ فڪر ۽ ڳڻتي جوڳو آهي.

اسلام آباد جي سرڪار جهڙي طرح سنڌ ۾ نسلي باهه پڙڪائڻ لاءِ ايم ڪيو ايم کي کلي ڇوٽ ڏني آهي، ان مان لڳي ٿو ته اسلام آباد سرڪار سنڌين کي پاڪستان ناهڻ جي سزا طور سنڌين کان سندن مادر وطن کسي، نسل پرست ٽولن ۾ ورهائڻ چاهي ٿي. اهڙي صورتحال کي سنڌ جا ماڻهو انتهائي ڳڻتي جي نگاهه سان ڏسن ٿا. اسلام آباد سرڪار ۽ پنجاب کي خبردار ڪيو وڃي ٿو ته سنڌين کي ديوار سان لڳائڻ بند ڪيو وڃي. سنڌ مادر وطن جي تقسيم ۽ قبضي جي سازشن کي بند ڪيو وڃي.

ايم ڪيو ايم ڪراچيءَ ۾ سنڌي ڳوٺ ڊاهي سنڌين کي بيدخل ڪري ڌارين کي شناختي ڪارڊ جاري ڪري رهي آهي. سنڌي نوجوانن جي روزگار جا دروازا بند ڪري کين خودڪشيون ڪري مرڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي. کوکرو پار رستو کولائي هندوستان مان لکين غير سنڌين کي سنڌ ۾ آباد ڪرڻ جي سازش تيار ڪئي آهي. سنڌو درياهه جي پاڻي ۽ سنڌ جي ناڻي تي سودو ڪري سنڌ کي ڪاپاري ڌڪ رسايو ويو آهي. ان ڪري اڄوڪي هي قومي ڪانفرنس سڄي سنڌ جي باضمير سياسي ڪارڪنن، شاعرن، اديبن ۽ عام شهرين کي اپيل ڪري ٿي ته ايم ڪيو ايم جي سازش کي سمجهندي ان جو مڪمل بائيڪاٽ ڪيو وڃي.

هي قومي ڪانفرنس مطالبو ڪري ٿي ته

1. سنڌ، سنڌين جو مادر وطن آهي، ان تي حاڪميت ۽ اختيار صرف سنڌين جو قبول ڪيو وڃي.
2. سنڌ جي گورنر هائوس مان دهشتگرد گورنر کي ٻاهر ڪڍي مٿس دهشتگردي جا ڪيس هلايا وڃن ۽ ڪنهن به سنڌي کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو وڃي.
3. سنڌ جي اسيمبلي کي سنڌ جو نمائندا ايوان بڻائڻ لاءِ 1954ع کانپوءِ آيل سمورن ماڻهن کان ووٽ جو حق کسيو وڃي.

4. سنڌ جي صوبائي ڪابينا کي سنڌين جي اڪثريت واري ڪابينا بڻايو وڃي.
5. سنڌ اسيمبلي کي قائد ايوان چونڊڻ لاءِ آزادي ۽ خودمختياري ڏني وڃي.
6. سنڌ ۾ نسلي بنيادن تي ضلعن جي ورهاست وارو فيصلو واپس وٺي پراڻا ضلعا بحال ڪيا وڃن.
7. ڪراچي ۾ سنڌي ڳوٺ ڊاهڻ بند ڪري سنڌي ڳوٺ ريگيولر ڪيا وڃن ۽ سنڌي ڳوٺن کي شهري سهوليتون ڏنيون وڃن.
8. 1954ع کانپوءِ آيل سمورن غير سنڌين کي سنڌ مان نيڪالي ڏني وڃي ۽ ڌارين جي آبادڪاري بند ڪئي وڃي.
9. ڌارين کي شناختي ڪارڊ جاري ڪرڻ سنڌ دشمن عمل آهي، اهو فوري بند ڪيووڃي.
10. ڪراچي ۾ يونين ڪائونسل، صوبائي ۽ قومي اسيمبلي جي تڪن جي نئين سر حد بندي ڪئي وڃي، جيئن ڪراچي ۾ قديمي سنڌي ۽ بروچ آبادين جي نمائندگي ٿي سگهي ۽ دهشتگرد نسلي برتري جو خاتمو اچي سگهجي.
11. بهارين کي بنگلاديش مان آڻي سنڌ ۾ آباد ڪرڻ جي سازش بند ڪئي وڃي.
12. کوکرو پار رستو نه کوليو وڃي، سنڌين کي خوف آهي ته کوکرو پار ذريعي لکين غير سنڌي هندستان مان گهرائي سنڌ ۾ آباد ڪري سنڌين کي اقليت ۾ تبديلي ڪيو ويندو.
13. ڪراچي سميت سڄي سنڌ جي صنعتي زمينن جو نيلام عام بند ڪري سنڌين کان پنهنجي وطن تان اختيار ۽ مالڪي کسڻ جي سازش بند ڪئيٰ وڃي.
14. سنڌ ۾ سنڌي ٻولي کي سرڪاري ٻولي جي حيثيت ۾ بحال ڪيو وڃي ۽ پرائمري سطح تي سمورن اسڪولن ۾ سنڌي ٻولي کي عملي طرح پڙهائڻ لاءِ پابند ڪيو وڃي. سنڌ جي تاريخي ماڳن جا نالا سنڌي ۾ لکي اڄارن کي درست ڪيو وڃي.
15. سنڌ مان رينجرز ۽ پيراملٽري فورس کي واپس موڪلي سنڌي پيرا ملٽري فورس ناهي وڃي.
16. سنڌ پنجاب پاڻي جي تڪرار جي حل لاءِ سارڪ ۽ اقوام متحده جي نمائندن جي اڳواڻي ۾ پاڪستان جي سموري قومن تي مشتمل ڪميشن جوڙي وڃي ۽ سنڌ کي سندس حصي جو جائز پاڻي ڏياري انصاف پري پاڻي جي ورڇ ڪئي وڃي.

# (II)نمراءُ

1. سنڌ جي سياسي ۽ سچاڻ ڌرين ۽ ڌاهن جو هي ميڙ نندي ڪندو. هن ريجن توڙي عالمي قوتن طرفان ڪشمير جو مسئلو حل ڪرڻ جي سلسلي ۾ ٿيندڙ ڪوشش جي حوالي سان انهن ريجنل ۽ عالمي قوتن جو ڌيان ان ڳالهه ڏانهن ڇڪائڻ چاهي ٿو ته هڪ طرف ڪشمير جو مسئلو حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته ٻئي طرف سنڌ ۽ بلوچستان جي معاشي ۽ سياسي خودمختياري توڙي حڪومت ڪرڻ جو سنڌ جي عوام جو حق ڦرڻ ڪانسواءِ طاقت جي ذريعي سنڌ تي هڪ خاص گروهه جي نسلي بالادستي قائم ڪري سنڌين کي ۽ بلوچستان جي عوام کي ٽئين درجي جو غلام بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. ان جي نتيجي ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جي عوام ۾ جيڪا اٿل پٿل آهي، ان جي مدنظر هن ريجن ۾ سنڌ بلوچستان جي شڪل ۾ هڪ ئي وقت ٻه نوان ڪشمير پيدا ڪيا پيا وڃن. جيڪڏهن انهن تضادن کي ختم نه ڪيو ويو ۽ سنڌ ۽ بلوچستان کي پنهنجا تاريخي حق نه ڏنا ويا ته ڪشمير جو مسئلو حل ٿيڻ باوجود هن ريجن ۾ امن قائم ٿيڻ بدران هڪ ختم نه ٿيندڙ تباهه ڪن صورتحال پئدا ٿيڻ جا خدشا آهن.

تنهن ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌ ۽ بلوچستان کي بينڪ طور هلائيندڙ هٿن کي روڪيو وڃي ۽ سنڌ ۽ بلوچستان جي عوام کي سندن تاريخي حق ڏنا وڃن.

2. ٻارهين ڪلاس جي شاگردن لاءِ رکيل لازمي مضمون اردو سليس جي امتحاني ڪاپين جي چڪاس جو 32 سال پراڻو طريقو بحال ڪيو وڃي ۽ سنڌي زبان جي 1973ع واري بل مطابق ٻارهين ڪلاس جي سنڌي نه ڄاڻندڙ شاگردن لاءِ سنڌي سليس جو مضمون لاڳو ڪيو وڃي ته جيئن سنڌ ۾ رهندڙ مستقل باشندن جي وچ ۾ ايڪو اتحاد ۽ قومي يڪجهتي پيدا ٿئي.

3. پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان وانگر سنڌ جا تعليمي بورڊ گورنر سنڌ کان کسي سنڌ جي تعليم کاتي حوالي ڪيا وڃن.

## (III) سفارشون

هي قومي ڪانفرنس ان راءِ جي آهي تہ اسين سنڌي 1940ع جي قرارداد جي روشني ۾ گڏيل هندستان ۾ قائد اعظم جي يقين ڏهاني تي پاڪستان ۾ شامل ٿيا هئاسين.جتي پاڪستان ۾ شامل سمورا صوبا ۽ قومون، آزاد ۽ خودمختيار هونديون پر سنڌ کي مفتوح علائقو سمجهي سنڌين سان غلامي وارو سلوڪ رکيو ويو آهي. 1947ع کان وٺي اڄ ڏينهن تائين سنڌ کي بحيثيت هڪ خودمختيار وطن ۽ قومي وحدت تسليم نہ ڪيو ويو آهي. پاڪستان ۾ موجود قومي وحدتن جي تشخص کي ختم ڪرڻ لاءِ سازشون جاري رهنديون آيون آهن، ڪڏهن ون يونٽ ذريعي قومي تشخص کي ختم ڪرڻ جي سازش ڪئي وڃي ٿي تہ وري ڪڏهن آئيني پنجوڙن ۾ سنڌ جي خودمختياري ختم ڪري سنڌ جي معدني ۽ مالياتي وسيلن تي قبضو ڪري سنڌ کي بک، بدحالي ۽ تباهي ۾ ڌڪيو وڃي ٿو. سنڌو درياهہ جيڪو سنڌ جي آبادي ۽ جياپي جي شهہ رڳ آهي، ان درياهہ جي پاڻي کي روڪي ڊيمن ۽ ڪئنالن ذريعي قيد ڪري سنڌ جي شهہ رڳ بند ڪئي پئي وڃي، جيئن سنڌ جا ماڻهو پاڻي پاڻي پڪاريندا، فنا ٿي تاريخ جي صفحن تان ئي گم ٿي وڃن.

سنڌ مادر وطن جي قومي وحدت ۽ تشخص جي خاتمي لاءِ اسلام آباد جي سرڪار ايم ڪيو ايم جي معرفت جهڙي طرح ضلعن، تعلقن ۽ يونين ڪائونسل سطح تائين نسلي بنيادن تي سنڌ جي تقسيم شروع ڪئي آهي، ان مان محسوس اهو ٿي رهيو آهي تہ اها تقسيم سنڌ ۾ نوان صوبا ناهڻ ۽ لساني ۽ نسلي بنيادن تي سنڌ کي ورهائي ڌارين آبادڪارن حوالي ڪرڻ جي سازش آهي. اسين سمورا ماڻهو سنڌ جي وجود تي اهو بدترين حملو سمجهون ٿا. ان لاءِ حڪمرانن ۽ نسل پرست ٽولن کي خبردار ڪرڻ گهرون ٿا تہ سنڌ قبضي جو مال سمجهي مالِ غنيمت وانگر حصا پتيون ڪري ڪائڻ جي سازش بند ڪئي وڃي ۽ سنڌ جي پرامن سرزمين کي نفرتن ۽ خانہ جنگي ۾ ڌڪڻ جي روش ختم ڪئي وڃي.

سنڌ جي مختلف سياسي جماعتن، اديبن، شاعرن، عوامي

نمائندن، پروفيشنل تنظيمن ۽ ساجاهه وند ماڻهن تي مشتمل سنڌ جي هيءَ نمائنده ڪانفرنس وفاقِ پاڪستان کان مطالبو ڪري ٿي تہ

(الف) هر قوم جو پنهنجي مادر وطن تي حاڪميت ۽ اختيار تسليم ڪيو وڃي.

(ب) مالياتي وسيلن جي سمورن ذريعن، مثلن قدرتي وسيلن، بندرن، سمورن ٽيڪسن تي قومي وحدتن جو حق ۽ اختيار تسليم ڪيو وڃي.

(ت) وفاق ڪي هلائڻ لاءِ سيني قومي وحدتن کان آبادي جي بنياد تي حصو ورتو وڃي.

(ث) هر قومي وحدت کي پنهنجي سپريم ڪورٽ هجڻ گهرجي، جڏهن تہ وفاقي ڪورٽ صرف صوبن وچ ۾ آئيني قسمن جي اختلافن جو نبيرو ڪرڻ لاءِ قائم ڪئي وڃي.

(ج) وفاقي عهدا، صدر، وفاقي عدالت جو جج، چيف آف آرمي اسٽاف، وزيراعظم By Rotation هر قومي وحدت کي ڏنا وڃن.

(ح) ملڪي فوج ۾ سيني قومي وحدتن کي برابر حصو ڏنو وڃي. هر قومي وحدت کي مقامي پيراملٽري فورس ٺاهڻ جو حق ڏنو وڃي.

(خ) مٿين ايجنڊائن کي لاڳو ڪرڻ لاءِ ملڪ ۾ آئين ساز اسيمبلي جي چونڊ ڪرائي ملڪ کي برابري جي بنياد تي حقيقي وفاقي، جمهوري آئين ڏنو وڃي، جنهن کي ڪوبہ فوجي يا سول آمر حڪمران ڦاڙي ۽ معطل نہ ڪري سگهي. جيڪو آئين پنهنجي تقدس جي حفاظت ڪري سچي ملڪ جي قومن ۽ غريب عوام توڙي جمهوري نظام جي نگهباني ڪري سگهي.

(د) پاڻي تي ڌاڙي ۽ سنڌ پنجاب جي جهيڙي جي نبيري لاءِ سارڪ ۽ اقوام متحده جي نمائندن جي سربراهي ۾ پاڪستان جي سموري قومي وحدتن جي نمائندن تي مشتمل هڪ بااختيار ڪميشن جوڙي وڃي، جيڪا سڄي ملڪ ۾ پاڻي جي ورهاست ۽ انتظام جي ذميوار هجي.

سنڌ جون پارلياماني نمائنده پارٽيون قومپرست پارٽيون، سنڌ جا اديب، شاعر، ليکڪ، دانشور سمورن کي گڏ ڪري سنڌ جو هڪڙو قومي ادارو ٺهڻ گهرجي، جيڪو سنڌ بابت مشورا ڪري سنڌ جي قومي ايجنڊا طئي ڪري. پوءِ سنڌ جون سموريون سياسي پارٽيون ۽ سنڌ جو عوام ان ايجنڊا تي عمل ڪري، سنڌ جي ڪاز کي اڳتي وٺي هلي، اهو ئي اسان جي بقا جو رستو آهي اهائي اسان جي جياپي جي واٽ آهي، اڪيلي اڪيلي وڙهندي، هڪٻئي تي الزام هڻندي، فتوائون جاري ڪندي اسان تمام گهڻو وڃايو آهي، جي اجا ائين ڇڙوڇڙ رهنداسين ته وجود وڃائي ويهنداسين

**ڊاڪٽر قادر مگسي**

سياست جيڪا آهي سا طاقت جو نالو آ ۽ اها عوام کي منظم ڪري رستي سان لائي ۽ ان کي قرباني لاءِ آماده ڪرڻ سان هٿ اچي ٿي. قومي جماعتن جا ليڊر گڏ ٿين، هڪ مقصد تي متفق ٿين. پوءِ اهو فقط فيڊريشن هجي، ڪنفيڊريشن هجي يا پنجاب جي اڪثريتي حڪمراني کان صفا نجات هجي. جيڪو به هجي ان تي يڪمشت ٿي عوام کي، ڪارڪنن کي، ميمبرن کي گويا سڄي لشڪر کي تيار ڪنديون ڪنهن حڪمت عملي طور ته مان سمجهان ٿو ته مقصد اسان کان گهڻو پري نه رهندو.

**محمد ابراهيم جويو**

# پَڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”**پڙهندڙ**“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاغَر تان ڪٽي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي گُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻَ، سمجھَ ۽ ڏاھپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيھہ ڏيندي انھن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيھاريو آھي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آھن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، ھو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاھا ڪن ٿا، موٽي مَنجھہِ پھاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالھہَ ھُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلھہ نيلا پيلا آھن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آھن........

... ... ... ...

ھي بيتُ اَٿي، ھي بَمَ- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنھي ۾ فَرَقُ نہ آ، ھي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنھن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنھن ھَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻ تي اِھو سوچي مَڙھڻ تہ ”ھاٽي ويڙھہ ۽ عمل جو دور آھي، اُن ڪري پڙھڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آھي.

پَنَن جو پڙھڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ ھوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاٽن ۽ نادانن جي ھٿن ۾ رھنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن ڪي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَـنَ سيني کي **چـوِ، چـالاڪِ ۽ ڪـينئـن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نه رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽـتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان به پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ياڪِي پائي چيو ته ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)